6

# وسنديءَ جي پاڻيءَ جو بچاءُ ڪرڻ

# Protecting Community Water


| هن باب ۾: | صفحو |
| --- | --- |
| پاڻي ۽ برادريءَ جي صحت | 66 |
| قصو: ڪارخانا ۽ صنعتون راڄن جو پاڻي پي وڃن ٿا | 67 |
| راڄ ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ | 68 |
| سرگرمي: صاف ڏسڻ ۾ ايندڙ پاڻي، صاف نہ بہ ٿي سگهي ٿو | 69 |
| پنهنجي پاڻيءَ جي رسد کي بهتر بنائڻ | 70 |
| رٿابنديءَ ۾ عورتون اهم ٿين ٿيون | 72 |
| سرگرمي: ٻہ گول | 72 |
| قصو: ڳوناڻا ترقياتي ورڪرن کي سيکارين ٿا | 74 |
| پاڻيءَ جا وسيلا بچائڻ | 75 |
| سنڀاليل کوهہ | 76 |
| سٺن کوهن ۽ پاڻيءَ جي ڪڏن کي سنڀالڻ لاءِ قدم | 77 |
| پنهنجي گهر جي کوهہ/ کوهيءَ جي سنڀال لهڻ | 79 |
| کوهن مان پاڻي ڪڍڻ | 83 |
| پنهنجي چشمي جي سنڀال ڪرڻ | 84 |
| مينهن جو پاڻي گڏ ڪرڻ | 86 |
| قصو: ريگستان ۾ پاڻي گڏ ڪرڻ | 87 |
| پاڻي سلامتيءَ سان نيڻ | 88 |
| قصو: عورتون ۽ مرد پاڻي بابت ڳالهيون ڪن ٿا | 89 |
| پاڻي سلامتيءَ سان گڏ ڪرڻ | 90 |
| سرگرمي: پيئڻ جو پاڻي ڪيئن ڪنو ٿي ويو؟ | 90 |
| پاڻيءَ کي پيئڻ لاءِ پاڪ صاف ڪرڻ | 92 |
| پاڻي آترائڻ | 93 |
| پاڻي ڇاڻڻ | 94 |
| پاڻيءَ کي جيوڙن کان صاف ڪرڻ/ آروڳڻ | 97 |
| گندو پاڻي: هڪ مسئلو يا وسيلو | 100 |

# وسنديءَ جي پاڻيءَ جو بچاءُ ڪرڻ



پاڻي، زندگيءَ لاءِ ضروري آهي. انسانن، حيوانن ۽ وڻن ٽڻن ڪي زنده رهڻ ۽ واڌ ويجهه ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جي گهرج ٿئي ٿي. جڏهن تہ گهڻن هنڌن تي ماڻهن ڪي ايترو پاڻي نصيب ناهي تہ تندرست زندگي گذاري سگهن. گهڻن ماڻهن کي ڏگها ڏگها پنڌ ڪري پاڻي گڏ ڪرڻو پوي ٿو ۽ جيڪڏهن پاڻي ملي بہ ٿو تہ اهو پيئڻ لائق نٿو هجي.

جڏهن ڪنهن برادريءَ کي سولائيءَ سان صاف پاڻي ملي سگهندو هجي تڏهن برادريءَ جي هر فرد کي بهتر ۽ صحتمند زندگي گذارڻ جو موقعو ملي ٿو. جيڪڏهن عورتون ۽ نياڻيون روزانو پاڻي آڻڻ جي خفي کان آجيون هجن ۽ کين پڪ هجي تہ پاڻي پاڪ صاف آهي تہ کين ايترو وقت ملي سگهي ٿو تہ اهي اسڪول وڃي ۽ راج ڀاڳ جي زندگيءَ جو هڪ حصو ٿي سگهن. ان سان هرهڪ جي چڱيلائيءَ ۾ سڌارو واڌارو ٿئي ٿو. صاف پاڻي هجڻ سبب ٻارڙا صحتمند واڌ ڪن ٿا ۽ دستن جي بيمارين ۾ گهٽ چوڙين ٿا، جيڪي گندي پاڻيءَ سبب ٿين ٿيون.

## پاڻي ۽ برادريءَ جي صحت

پاڻي، قدرت جي هڪ نعمت آهي. پاڻيءَ جي دستيابي (جڏهن لاڳيتو پاڪ صاف ملي سگهي) راڄ جي صحت جو هڪ اهم حصو ٿئي ٿو. جڏهن ماڻهو پنهنجي پاڻيءَ گڏ ڪرڻ، سانڍڻ ۽ وسيلن جي استعمالڻ جي طورطريقن بابت گڏجي فيصلا ڪن ٿا اهي جڙ ٿا، پنهنجي برادريءَ کي پاڻيءَ جي ضمانت ڏين ٿا.

صاف پاڻي سُلڀ / جهجهي مقدار ۾ موجود هجڻ لاءِ گهڻا ماڻهوان لاءِ گهربل ڪم ڪرڻ يا مناسب قيمت ڏيڻ لاءِ بہ تيار ٿين ٿا. جڏهن تہ اهڙن گهڻن هنڌن تي جتي ماڻهن کي پيئڻ لاءِ پاڻي گهرجي ٿو ڪينئن، جيوڙن يا زهريلن ڪيميائي مادن سبب ڪنو ٿيل هجي ٿو ماڻهن بجاءِ صنعتن لاءِ استعمال ڪيو يا ايتريءَ قيمت تي وڪرو ڪيو وڃي ٿو جيڪا ماڻهو پري نٿا سگهن. ماڻهن جي زنده رهڻ ۽ تندرستيءَ لاءِ سندن ضرورتن کي وڏيڪ اهميت ڏيڻ گهرجي، بنسبت ڪنهن ٻئي استعال جي خاص طور تي جڏهن پاڻيءَ کي صاف رکڻ، سانڍڻ، ورهائڻ ۽ استعمال بابت فيصلا ڪيا وڃن ٿا تہ ان تي ڪيتروئي خرچ ڪيو وڃي ٿو.



پاڻيءَ جي هرهڪ کي گهرج ٿئي ٿي.





## ڪارخانا ۽ صنعتون راڄن جو پاڻي پي وڃن ٿا

ڏکڻ انديا ۾ پلوچيمادا (Plochimada) نالي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جتي ڳوٺاڻا سارين ۽ ناريل جي پوک ڪن ٿا. اتي جا آبادگار سُکي زندگي گذاريندڙ هيا جو اتي جهجهو مينهن پوندو هو ۽ زمين زرخيز هئي. پر ڪجهه سال اڳ سڄو ماحول تڏهن ڪان مٽجي ويو آهي، جڏهن ڪان ڳوٺ جي پڪ ۾ هڪ ڪوڪا ڪمپنيءَ پنهنجو ڪارخانو هنيو آهي.

منو مشروب/ ٻاٽليون ٺاهڻ لاءِ ڪمپنيءَ اونها کوهه کوٽي، جر جو پاڻي ڪڍڻ شروع ڪيوآهي. ڪمپنيءَ روزانو پاڻيءَ جا ڏيڍ ملين لٽر استعمال ڪندي رهي ٿي. ڪارخاني شروع ٿيڻ جي 2 سالن ڪانپوءِ ڳوٺاڻن جا فصل ۽ گهرن جا کوهه سکڻ شروع ٿيا. چانور رڌڻ سان ناسي ٿي ٿِي ويا ۽ منجهائڻ ڪنو سواد ٿي آيو. پاڻي پيئڻ يا ان ۾ وهنجڻ سان چمڙيءَ جون بيماريون، وار ڇڻڻ، سنڌن جو سُور، هڏن جي ڪمزوري ۽ اعصابي/ ٺنتي مسئلا پيدا ٿيڻ شروع ٿيا. ڪين خبر پيئي ته ڪمپني سندن جَر ڪي زهريلن ڪيميائي مادن سبب گندو ڪري ڇڏيو آهي. پنهنجي جان ۽ صحت بچائڻ لاءِ مجبوراً ڳوٺاڻن گهرن ڪان پري پري هنڌن تان پاڻي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو.

هڪ سال مينهن ڦڙي به نه وسي تنهن هوندي به ڪوڪا ڪمپني اُسات/ سوڪهڙي هوندي به پاڻي ڪڍڻ ۽ انجو استعمال جاري رکيو. ڳوٺاڻا ويچارا روزانو ٺئنڪرن رستي پاڻيءَ جهڙي قيمتي پاڻيٺ، جيڪا ڪنهن وقت ۾ سندن زندگي ۽ فصلن کي چست ۽ سائو ستابو رکندي ٿي آئي، ڍوئيندي ڏسندا ٿي رهيا. نه رڳو ايترو پر ڳوٺ ڪان پرانهن هنڌن جو پاڻي به سُڪي ويو. جيئن جيئن وڌيڪ ماڻهو بيمار ٿيندا ويا تيئن تيئن ڳوٺاڻن پاڻ ۾ گڏجڻ ۽ صلاح مشورا ڪرڻ شروع ڪيا ته ڪيئن، ڪوڪا ڪمپنيءَ کي پنهنجي پاڻيءَ جي استعمال ڪان روڪجي.

هڪ گڏجاڻيءَ ڪانپوءِ 2000 ڪان مٿي ڳوٺاڻن ڪولا ڪمپنيءَ ڏانهن پرامن مارچ ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته ڪمپني بند ڪري ڳوٺاڻن کي پاڻيءَ جي ٿيل زيان جو معاوضو پوري ڏنو وڃي. ڪمپنيءَ ان جي موٽ ۾ روزانو ڳوٺاڻن کي پاڻيءَ جو هڪ ٽئنڪر موڪلڻ شروع ڪيو. پر اهو پاڻي ڳوٺاڻن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي نه هيو. 50 ڏينهن جي احتجاج ڪانپوءِ پوليس 130 عورتن ۽ مردن کي گرفتار ڪيو. ڪجهه مهينن ڪانپوءِ 1000 ڳوٺاڻن فئڪٽريءَ ڏانهن مارچ ڪيو ته پوليس ڪيترن کي پڪڙي ويئي.

جيتوڻيڪ جدوجهد جاري رکڻ سبب پلوچيمادا جي ماڻهن کي تڪليفون سهڻيون پيون پر ان سان منجهن ايتري ٻڌي پيدا ٿي جو هو صاف پاڻيءَ جي حق حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٿي ويا. ڪجهه سالن ڪانپوءِ مقامي سرڪار، ماڻهن جي مدد ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ڪمپنيءَ کي حڪم ڪيو ته، سوڪهڙي جي ڏينهن ۾ جَر جو پاڻي استعمالڻ بند ڪري. جڏهن ته، وفاقي سرڪار ڪين چيو ته، ڪمپنيءَ کي جَر جو پاڻي استعمال ڪرڻ ڏنو وڃي. اهڙي تضاد سبب ڪورٽ جو در ڪڙڪايو ويو ته ان پلوچيماداڻين جي حق ۾ فيصلو ڪيو ۽ ڪولا جو ڪارخانو بند ڪرڻ جو حڪم ڪيو.

جڏهن پلوچيمادا جي ڳوٺاڻن پنهنجي پاڻيءَ جي حق لاءِ جدوجهد پئي هلائي تڏهن سندن مهم جون ڳالهيون سڄيءَ انديا سميت دنيا تائين پهچنديون ٿي رهيون. سندن جدوجهد مان ڪيترن ۾ اتساهه پيدا ٿيو آهي. دنيا ۾ جتي جتي لوڪ کي پيئڻ لاءِ جهجهو صاف پاڻي نصيب ناهي اتي اهڙو ڪو به جواز پيدا نٿو ٿئي ته اهڙي محدود قدرتي وسيلي کي چشڪيدار مشروب ٺاهڻ لاءِ خرچ ڪيو وڃي. خاص طور تي جڏهن، ڪارخاني جي پاڻيءَ جي استعمال سبب ماڻهو اگهائين ۽ اهنجن ۾ مبتلا ٿيندا هجن.

# راڄن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ

هڪ اهڙي عورت جيڪا روزانو ڊگھو پنڌ ڪري پاڻي ڍوئي اچي ٿي ڪيس ان ڳالھ ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي تہ اهو هڪ ڪٺن ڪم آهي. جڏهن تہ هوءَ ان ڳالھ کان اڻ ڄاڻ آهي تہ منجهس اهڙي صورتحال تبديل ڪرڻ جي سگھ موجود آهي.



جڏهن ماڻهو پنهنجي پاڻيءَ جي لڳاتار پهچ ۽ صاف هجڻ کي هڪ مسئلو سمجهن ٿا تہ اهي گڏجي تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ان سا ۾ راڄ ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ، تبديلي آڻڻ پهريون قدم سمجهيو وڃي ٿو.

### پاڻيءَ جي انچارج فرد سان ڳالهايو

ڇا اهڙو ڪو ماڻهو ماڻهن جي تنظيم يا ڪاروبار آهي جيڪو کوهن، پائيپن يا واٽرسپلاءِ جي ٻين سنجڻن لاءِ ذميوار هجي؟ ڇا اهڙو ڪو فرد يا ماڻهن جي تنظيم، صحت صفائيءَ لاءِ ذميوار آهي؟ اهي ڪهڙا ماڻهو يا ماڻ جي ڪهڙي تنظيم آهي، جيڪي عام طور تي پا ڪن، پهچائين، صاف ڪن ۽ ذخيرو ڪن ٿا؟

پاڻيءَ لاءِ اهڙن سڀني ذميوار ماڻهن سميت، ان علائقي ۾ موجود پاڻيءَ جي سڀني وسيلن جي هڪ لسٽ ٺاهيو. ماڻهو پيئڻ جي پاڻيءَ جي معيار ۽ مقدار لاءِ ڇا ٿا چون؟ روزانو ڪيترو پاڻي استعمال ڪيو وڃي ٿو؟ ڇا پيئڻ، رڌپچاءُ، وهنجڻ، مال کي ڏيڻ، پوکيءَ ۽ ٻين ضرورتن جي پورائي لاءِ ساڳئي قسم جو پاڻي استعمال ڪيو وڃي ٿو؟ ڇا اهڙين سڀني ضرورتن لاءِ جهجهو پاڻي موجود آهي؟ ڇا هنگامي حالتن ۾ پاڻيءَ جو ذريعو يا پاڻي گڏ ڪرڻ جو بندوبست آهي؟

### جتان ماڻهو پاڻي گڏ ڪن ٿا، اهي هنڌ گهمي ڏسو



پاڻيءَ جي مختلف وسيلن ۽ ذريعن جا مختلف مسئلا ۽ انهن جا مختلف حل ٿي سگھن ٿا. چشما، کوھ، مٿاڇري واري پاڻيءَ جا ذريعا (نديون، وهڪرا، ڍنڍون ۽ تلاءَ) مينهن جو پاڻي ۽ ڇن (catchments area) گهمي ڏسو. پاڻيءَ جي اهڙي هر ذريعي تي بحث ڪريو تہ اهو ڪيئن استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ ڇا ڪنهنڪي انجي ڪِني هجڻ جو شڪ تہ ناهي (پيئڻ لاءِ صحيح ناهي).

### پاڻيءَ جي مقامي وسيلن ۽ ان جي گندي ٿيڻ جي ذريعن جو هڪ نقشو ٺاهيو

توهانجي نقشي ۾ پاڻيءَ جي وسيلن، ماڻهن جي گهرن ۽ پاڻيءَ جي گندي ٿيڻ جي ذريعن جي لحاظ کان نشاندهي ٿيڻ گهرجي. مختلف رنگ استعمال ڪري پاڻيءَ جي صاف وسيلن ۽ گندن ذريعن جي نشاندهي ڪريو.

## ڇا توهانجو پاڻي صاف آهي؟

ايئن سمجهي سگهڻ ڏکيو ٿئي ٿو تہ پاڻي صاف ۽ پيئڻ جوڳو آهي يا گندو. صحت جا مسئلا پيدا ڪندڙ ڪي اهڙيون شيون ڏسڻ يا سنگهڻ رستي سولائيءَ سان محسوس ڪري سگهجن ٿيون تہ پاڻي پي ٻڌائي سگهجي ٿو. جڏهن تہ پاڻيءَ ۾ موجود باقي شين لاءِ ان جي ڇڪاس ڪرڻي پوي ٿي. اهو سمجهڻ لاءِ تہ پاڻي پيئڻ لائق ڇو نٿو هجي ۽ اهڙا اپاءَ وٺڻ تہ جيئن پاڻي گندو ۽ ڪنو ٿي نہ سگهي، صحت جي ڪيترن مسئلن کان بچي سگهجي ٿو (ڏسو باب 5).

**ڏسڻ ۾ صاف ايندڙ پاڻي، صاف نہ بہ ٿي سگهي ٿو**

هن مشغوليءَ رستي اهو ڏسي سگهجي ٿو تہ پاڻيءَ ۾ پلي تہ ڪا شئي ڏسڻ، سنگهڻ يا چکڻ سان محسوس نہ ٿيندي هجي تنهن هوندي بہ منجهس ڪا هاڃيڪار شئي موجود ٿي سگهي ٿي.

**وقت:** 15 ڪان 30 منٽ

**سامان:** 4 صاف بوتلون، گپ، لوڻ، ڪنڊ ۽ صاف ٽيل پاڻي

1. هن مشغولي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ 4 صاف بوتلن کي اهڙي پاڻيءَ سان ڀريو جنهن کي اوٻاريو ڪلورين رستي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان صاف ڪري پيئڻ جوڳو بڻايو ويو هجي. هڪ بوتل ۾ هڪ چمچو گپ جو ڀري وجهو ٻئي ۾ ڪنڊ جو ۽ ٽئين ۾ لوڻ جو ملايو. سڀني بوتلن کي سنئيءَ طرح سان لوڏيو. آخري بوتل ۾ ڪجهہ بہ نہ ملايو. سڀئي بوتلون ماڻهن جي هڪ ٽوليءَ وٽ ڪٽي اچو.

2. ماڻهن کي چئو تہ اهي، سڀني بوتلن ۾ موجود پاڻي سنگهي ڏسن. پوءِ کين چئو تہ هو ڪنهن بہ بوتل جو پاڻي پي ڏسن. گپ وارو پاڻي پيئڻ پسند نہ ڪندا. جڏهن تہ گهڻا ٻين بوتلن جو پيئڻ پسند ڪندا.

3. جڏهن گهڻا ماڻهو پاڻي پي ڏسن تہ پوءِ پڇون تہ هنن گپ واري بوتل جو پاڻي ڇو نہ پيتو. هاڻ، ڪائن پڇو تہ هنن پاڻيءَ جا جيڪي نمونا پي ڏٺا انهن جو سواد ڪهڙو ۽ اهڙو ڇو هيو. ڇا ڪنهن اهڙو بہ پاڻي پيتو جنهن ۾ ڪجهہ بہ ملايو نہ ويو هو؟ ڪائن پڇو تہ اها خبر ڪيئن پين تہ اهو رڳو پاڻي هيو ۽ منجهس ڪا بہ اهڙي شئي پيل نہ هئي، جيڪا هو ڏسي، سنگهي يا انجو سوا
ڪري نہ سگهيا.



4. انهن شين تي بحث ڪرڻ شروع ڪريو جيڪي توهانجي پاڻي
ٿي سگهن ٿيون ۽ ان سبب پاڻي پيئڻ خطرناڪ ٿئي ٿو. اهڙين
دست پيدا ڪندڙ جيوڙا، رت جا ڪينئان جيڪ
شستوسومياسيس جي بيماري ڪن ٿا ۽ پيسٽيسائيڊ يا ڪي
ڪيميائي مادا ٿي سگهن ٿا. ڇا اهڙا ڪي ويساهہ ۾ ايندڙ سبب
سگهن ٿا تہ اهي توهانجي پاڻيءَ ۾ موجود هوندا؟ ڇا ڏسڻ ۽ سنگ
کانسواءِ اهڙا ڪي ٻيا طريقا آهن جن رستي سمجهي سگهجي
پاڻي پيئڻ لائق يا ڪنو ۽ بيماريون پيدا ڪندڙ آهي؟

### پاڻيءَ جي سٺي / صحت بخش هجڻ جي چڪاس ڪرڻ

پاڻيءَ جي عام طور تي چڪاس، پاڻيءَ جا نمونا گڏ ڪري ليبارٽري ۾ ڪئي ويجي ٿي، جنهن مان غلاظت جي قسم ۽ مقدار سميت ڪيميائي غلاظت جي خبر رکڻ ضروري ٿئي ٿي. اهڙيون چڪاسون مهانگيون ٿي سگهن ٿيون. جڏهن تہ پاڻيءَ جي ڪارائتي ۽ معياري چڪاس جي پيٽ ۾ عام طور تي برادرين ۾ پاڻيءَ جي مسئلن ۽ پاڻيءَ جي وسيلن جي سانڍ ڪرڻ بابت ڄاڻ ڏيڻ وڌيڪ اهم ٿئي ٿي (ڏسو ص. 75).




پاڻيءَ چڪاسڻ جون اهڙيون بہ ڪِٽون (kits) اچن ٿيون. جيڪي مقام تي استعمال ڪري پاڻيءَ ۾ جيوڙن جي موجودگيءَ جي خبر رکي سگهه ٿي. مثال طور، "H2Sتپاس" سستي (پاڻيءَ جي 5 نمونن جي چڪ تي اٽڪل هڪ ڊالر خرچ اچي ٿو) ۽ ان رستي ترت خبر پوي ٿ جڏهن تہ هن چڪاس.مان ورلي آروڳي جيوڙن ڪي غلطيءَ وچان روڳي ۾ڏايو ويجي ٿو تہ ڪيميائي وکرن ۽ پئراسائٽي جيوڙن جي آنن هجڻ جي خبر پئجي نٿي سگهي.

## پنهنجي پاڻيءَ جي رسد کي بهتر بنائڻ



پاڻيءَ حاصل ڪرڻ جي نئين سنجت تيار ڪرڻ کان وڌيڪ بهتر ٿئي ٿو تہ موجوده پاڻيءَ جي ذريعن رستي وڌ ۾ وڌ صاف پاڻي حاصل ڪجي. جڏهن پاڻيءَ جي رسد ۾ سڌاري واڌاري آڻڻ جي رٿا جوڙيو تہ ان جي شروعات مقامي وسيلن جي هڪ لسٽ جوڙڻ سان ڪريو. اهڙن وسيلن ۾ پاڻيءَ جا ذريعا، اڏاوتي سامان ۽ سڀ کان اهم، ماڻهو ٿين ٿا. اهڙن ماڻهن کي شامل ڪريو جيڪي کوهہ کوٽڻ، ٽانڪيون ناهڻ يا پائيپ هڻڻ جا ڪاريگر هجن. گڏيل سرگرمين ۾ مدد ۽ ڪم ڪندڙن کي منظم ڪري سگهن ۽ اهڙن پيرسنن کي بہ شامل ڪريو جن کي ياد هجي تہ سال اڳ پاڻي ڪيئن گڏ ڪيو ويندو هو.

### حل / اپاءَ تلاش ڪريو

پاڻيءَ جي رسد سڌارڻ ۾ توهانجي برادري ڇا ٿي ڪري سگهي ان جو مدار هن ڳالهہ تي ٿي سگهي ٿو تہ. ڪهڙا مسئلا وڌيڪ تڪڙا اُڪلائڻا آهن يا ڪهڙا مسئلا سولا ۽ اهي اول حل ڪري سگهجن ٿا. اهڙي رٿا رٿڻ ضروري ٿئي ٿي جن رستي مسئلن جي اصل ڪارڻن کي حل ڪري ۽ برادريءَ جي هر فرد جي ضرورتن کي پورو ڪري سگهجي.

**فيصلو ڪريو ته، پاڻيءَ جو ڪهڙو ذريعو ڪهڙي ڪم لاءِ استعمال ڪرڻو آهي. خاص طور تي جڏهن پاڻي گهٽ يا ڏکيائيءَ سان حاصل ٿي سگهندو هجي.** مينهن جي پاڻيءَ گڏ ڪرڻ لاءِ ترايِن، ٽانڪين ۽ پائيپن رستي پاڻي پهچائڻ جي سرشتي جوڙڻ سان برادريءَ کي پاڻي سولائيءَ سان ملي سگهندو (ڏسو ص. 86 کان 91). جيڪڏهن ايئن ممڪن ٿي نه سگهي ته، تڏهن به ڏسي پڪ ڪجي ته هر هڪ کي جهجهو صاف پاڻي ملي سگهي ٿو:

- پاڻي گڏ ڪرڻ جي ڪم ۾ هڪٻئي جو هٿ ونڊائڻ
- پاڻيءَ کي جيوڙن کان پاڪ صاف رکڻ جي طريقن بابت هر هڪ کي ٻڌائڻ

**جيڪڏهن اڳ ۾ پاڻيءَ جو ڪو سنجڻ موجود آهي ته برادري هيٺيان ڪم ڪري سگهي ٿي:**

- پاڻي ذخيري ڪرڻ جي طريقن ۾ سڌارا آڻڻ
- ڀڳل پائيپن ۽ پمپن جي مرمت ڪرڻ
- پاڻيءَ جي مڙاهن ذريعن جو بچاءُ ڪرڻ
- پاڻيءَ سانڍڻ ۽ بچت ڪرڻ جا نوان رستا ڳولهڻ

**جيڪڏهن پاڻيءَ ۾ ڪيميائي غلاظت هجڻ جو شڪ هجي ته، جيسيتائين ان جي چڪاس ڪرايو ٽيسيتائين ڪنهن ٻئي هنڌ جو ڪتب آڻيو.** جيڪڏهن ٽپاس مان پاڻيءَ جي ڪني هجڻ جي خبر پوي ته ٽيسيتائين ڪنهن ٻئي هنڌ جو استعمال ڪريو جيسيتائين اهڙي غلاظت پيدا ڪندڙ ڪارڻ ختم نٿا ڪريو. ڪوشش ڪري پنهنجي پاڻيءَ جي غلاظت ختم ڪريو ۽ گُهر ڪريو ته ڪارخانا پنهنجي غلاظت سلامتيءَ وارن طريقن سان اُڪلائين ۽ شين ٺاهڻ لاءِ صاف سٿرا طريقا اختيار ڪن. ساڳئي وقت آبادگارن کي گهٽ ۾ گهٽ جيتمار دوائن / پيسٽيسائيڊن ۽ ڪيميائي ڀاڻن جي استعمال ڪرڻ لاءِ به چئو.




صحت سڌارڪ ۽ صاف پاڻيءَ جا سهائتڪ، برادريءَ کي پاڻيءَ جي حفاظت ڪرڻ ۽ سڌارڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا.

## رٿابنديءَ ۾ عورتون اهم ٿين ٿيون

مردن جي ڀيٽ ۾، عورتن جي پاڻيءَ جون ضرورتون مختلف ٿي سگهن ٿيون. عام طور تي اهي عورتون ئي آهن، جيڪي سڄي ڪٽنب لاءِ پاڻي ڀرڻ ۽ ان کي صاف ڪرڻ جو ڪم ڪن ٿيون ته مرد گهٽي يا ڳوٺ ۾ گهرن ۽ پاڻيءَ جي سنجڻن جي سار سنڀال لهندا رهن ٿا. مردن ۽ عورتن جي ڪم ۾ فرق هجڻ سبب، اهڙن ڪمن جي رٿابندي ڪرڻ ۾ مدد ٿئي ٿي جنهن ۾ عورتون شامل ٿين ٿيون.

### 2 گول يا گهيرا

هيءَ سرگرمي عورتن کي پاڻيءَ جي گهرجن ۽ انهن گهرجن جي رڪاوٽن کي منهن ڏيڻ لاءِ سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي.

**وقت:** 45 منٽن کان 1 ڪلاڪ

**سامان:** 1 وڏو ڊرائنگ پيپر ۽ ڊرائنگ پنون

1. عورتن کي ٽولين ۾ ورهايو. هر ٽوليءَ ۾ 10 کان وڌيڪ عورتون نه هجڻ گهرجن. ٽوليءَ کي ڊرائنگ پينون ۽ پنيون ڏيو.
2. هر هڪ ٽولي پنهنجي پنهنجي پني تي 2 گول ٺاهي ٿي، جنهن مان وڏي گول ۾ ننڍو گول ٿئي ٿو.
3. هر عورت وڏي گول ۾ پاڻيءَ، صحت صفائيءَ ۽ صحت سان لاڳاپيل مسئلا جيڪي سڄي راڄ کي متاثر ڪندڙ ٿين ٿا، چٽي يا لکي ٿي. اندرئين ننڍڙي گول ۾ اهي مسئلا چٽي يا لکي ٿي جيڪي خاص طور تي عورتن کي متاثر ڪندڙ ٿين ٿا.
4. سيني ٽولين کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ان ڳالهه تي بحث ڪريو ته: انهن ٻنهي گولن وارا مسئلا هڪبئي کان ڪيئن مختلف آهن؟ اهي ڪيئن ساڳيا آهن؟ ٻنهيءَ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ٿي سگهن ٿا؟ اسان ڪيئن پڪ ڪري سگهون ٿا ته عورتن جي مسئلن ڏانهن گهربل ڌيان ڏنو ويندو؟



هيءَ سرگرمي عورتن ۽ مردن کي گڏائي به ڪري سگه... ٿي. جيڪڏهن مرد شامل ٿين ٿا ته هڪڙي ٽولي رڳو م... جي ڪريو. هر ٽوليءَ کي هڪ وڏي گول ۾ ٻه ننڍا گول... ڏيو بجاءِ هڪ جي، پوءِ هڪ ننڍڙي گول ۾ عورتن کي م... ڪندڙ مسئلا ته ٻئي ۾ مردن کي متاثر ڪندڙ لکندا وڃ...

جڏهن ٽوليون وري گڏجي ويهن ته مردن کان پڇو ت... عورتن کي متاثر ڪندڙ مسئلن جي حل ۽ سڌارڻ... چا سوچيندا. جنهن لاءِ گهرن ڀرسان ڪاڪوس ٺا... مردن کي پاڻي گڏ ڪرڻ ۾ ڊوئڻ، ٻارن سان وڌيڪ و... گذارڻ وغيره ٿي سگهن ٿا. عورتن لاءِ وڌيڪ سولو ٿيندو ته اهي مردن کان اڳ ۾ پنهنجن مسئلن تي مردن کان نويڪلائيءَ ۾ بحث ڪن. خاص طور تي اهڙن راڄن يا برادرين ۾ جتي عورتن ۽ مردن جي سوچ ۾ گهڻو فرق ٿئي ٿو.

## توهانجي پاڻيءَ جي رسد سڌارڻ ۾ رنڊڪون

ڪنهن برادريءَ کي صاف پاڻي نہ ملي سگهڻ جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا جهڙوڪ: پئسو نہ هجڻ ۾ پاڻيءَ جي سنجٽ ٺاهڻ جي ڄاڻ نہ هجڻ، سرڪار جي سهائتا يا برادريءَ جي سهائتا نہ هجڻ. صاف پاڻي ۾ اهو بہ لاڳيتي ملندي رهڻ لاءِ اهڙين رنڊڪن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ هڪ هڪ ڪري ختم ڪرڻ گهرجن. ماڻهو پنهنجن پاڻيءَ جي سنجٽن کي تڏهن سڌارڻ ۽ سنڀالڻ ۾ وڌيڪ ڪامياب ٿين ٿا جڏهن ڪين هيٺيان نتيجا ملن ٿا:

- هڪدم سڌارا اچن ٿا جهڙوڪ: وڌيڪ پاڻي، سولائيءَ سان حاصل ٿيڻ يا گهٽ بيماري
- گهٽ قيمت تي ملي سگهي
- روزانين سرگرمين ۾ ننڍڙيون تبديلون
- مقامي ماحول ۾ سڌارا جهڙوڪ: گهٽ گپ چِڪ، گهٽ مڇر يا گهرن جي باغيچن لاءِ وڌيڪ پاڻي



پاڻيءَ جي پائدار رٿا، طبعي ۽ سماجي رڪاوٽون ختم ڪندڙ ۽ برادريءَ ۾ هرهڪ جي هڪجهڙي نموني مدد ڪندڙ هجڻ گهرجي.

## پنهنجي وسنديءَ ۾ ٿي اپاءَ ڳولهڻ

سڄيءَ تاريخ ۾ هر برادري پاڻي ڳولهڻ، نيڻ ۽ بچائڻ جا اپاءَ لهنديءَ متعارف ڪندي رهي آهي. ماڻهو پاڻي ڳولهڻ لاءِ ڪوجي لنيون ( divine rods) استعمال ڪندا، پاڻي ڪيڻ ۽ پهچائڻ لاءِ ڪلون ايجاد ڪندا، مينهن جي پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ قسمين قسمين جوڙجڪون جوڙيندا ۽ پاڻيءَ جي وسيلن ۾ چنن ڪي بچائڻ لاءِ وڻ ٽڻ پوکيندا رهيا آهن. پاڙي جي وسندين ۾ راڄن ڪي پاڻيءَ جو حصو پتي ڏيڻ لاءِ ناهه به ڪندا رهيا آهن. پاڻي بچائڻ ۽ پاڻيءَ تي ٿيندڙ جهيڙن ۾ جنگين کان بچڻ سان ايندڙ نسلن لاءِ پاڻيءَ جا ذريعا بچائي سگهجن ٿا. ان ڪانسواءِ اسانکي جيئن جيئن پاڻي گڏ ۾ صاف ڪرڻ جي نون طريقن جي ڄاڻ پوندي وڃي ٿي ته اها به پڪ ڪريون ٿا ته اهو صاف سٿرو ۽ سُلڀ آهي.

### ڳوناٽا ترقياتي ورڪرن ڪي سيکارين ٿا

ترقياتي ورڪرن جي هڪ ٽولي، ڪولمبا جي هڪ جابلو ڳوٺ ۾ ڳوناٽن جي دستن جي بيماريءَ ۽ سندن پاڻيءَ جي ذريعن جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ آئي. هنن جڏهن ڳوٺ جا چشما گهمي ڏٺا ته اتي ڪين مال چرنديءَ ۾ زمين ڪاچندي نظر آئي، جنهن سبب چشما تباهه ٿي رهيا هيا. ان لاءِ هنن ڳوناٽن ڪي هڪڙيون ٻه سوليون صلاحون ڏنيون: چشمن ڪي بچائڻ لاءِ خاردار تارن جو لوڙهو ڏيڻ يا مال ڪي ڪنهن ٻئي هنڌ چارڻ.

پر ڳوناٽن ڪي اهي ٻئي صلاحون نه آئڙيون. جو هنن پانيو ٿي ته، اهي تارون جلد ئي چوري ٿي ويندين ۾ وٽن نه ته ايتري زمين ۾ نه پئسو آهي جو هو مال جي چاري لاءِ ڪو مناسب گئوچر / چراگاهه تيار ڪري سگهن.



بهرحال، مسئلي ڪي سمجهندي هنن هڪ اهڙو حل ڳولهي ڪڍيو جيڪو ڪارائتو ثابت ٿِي ٿي سگهيو. هنن هڪ اهڙو ڏينهن مقرر ڪيو جنهن تي ڳوٺ جي سيني ماڻهن اڇي چشمي ڪان مٿانهين وهڪري وٽ ڪنڊيدار وڻ ٻوٽا پوکيا، جنهن سبب ڍور ڍڳا، نديءَ جي هينيان پڪن سان پاڻي پيئڻ لاءِ مجبور ٿي پيا. ايئن هنن پنهنجي ڳوٺ جو مسئلو حل ڪري ڇڏيو.

## پاڻيءَ جا وسيلا بچائڻ

پاڻي يا تہ زمين جي مٿاڇري (دريائن، واهڙن، ڍنڍن ۽ تلائن) تي يا جَر (چشمن ۽ کوهن جي صورت ۾) ۾ موجود ٿئي ٿو. جيئن تہ عام طور تي مٿاڇري وارو پاڻي گندو ٿئي ٿو تنهنڪري اهو جيسيتائين صاف نٿو ڪيو وڃي تيسيتائين پيئڻ لاءِ استعمال نہ ڪرڻ گهرجي (ڏسو ص. 92 کان 99). جَر جو پاڻي گهڻي پاڳي جيوڙن کان صاف ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ، اهو جيئن جيئن مٽيءَ ۽ واريءَ مان ڇڻندو وڃي ٿو تيئن تيئن صاف ٿيندو وڃي ٿو. جڏهن تہ، جَر جو پاڻي قدرتي معدنيات جهڙوڪ: سينکيي يا فلورائيڊ (ڏسو ص. 61)، ڪسين جي سمڻ، ڪنين/ سيپٽڪ ٽانڪين يا ڪاڪوسن، گندڪچرن جي ڍيرن يا ڪارخانن ۽ زرعي زهريلن ڪيميائي مادن سبب گندو بہ ٿي سگهي ٿو.



جڏهن زمين ۾ آبي لنگهن جو سٺي طرح سان خيال نہ رکجي، تڏهن جَر جو مقدار خطرناڪ حد تائين گهٽجي وڃي ٿو. زمين جي جنهن ٽڪر تان ساوڪ ۽ وڻ ٽڻ ڪٽي ڇڏجن ٿا، اتي وسندڙ مينهن جيڪو ڪنهن وقت ۾ سمي زمين ۾ وڃي جَر جي صورت ۾ گڏ ٿيندو هو، اهو پوءِ دريائن ۽ سمنڊن ڏانهن وهي وڃي ٿو. جَر ۽ مٿاڇري جي پاڻيءَ ڪي بچائڻ جو بهترين طريقو آهي:

- زراعت لاءِ پائدار طريقا استعمال ڪرڻ (ڏسو باب 15).
- سنا ڪاڪوس ٺاهڻ ۽ استعمال ڪرڻ (ڏسو ص. 7).
- جنهن هنڌ پاڻي گڏ ٿئي ٿو **(ترائي يا ڇن)** ان جو بچاءُ ڪرڻ (ڏسو باب 9).

جيئن جيئن پاڻيءَ جي وسيلن چوگرد وڌيڪ ماڻهو آباد ٿين ۽ اهو استعمال ڪرڻ شروع ڪن ٿا، تيئن تئين اهڙي پاڻيءَ جو بچاءُ ڪرڻ ڏکيو ٿيندو وڃي ٿو. جن هنڌن تي صنعتي سرگرميون ٿين ٿيون يا ڪارخانا هلندا رهن ٿا، اتي پاڻيءَ جو حد کان وڌيڪ استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ اهي هنڌ گندا ٿيندا رهن ٿا ۽ جن ماڻهن ڪي اهو گهڻو استعمال ڪرڻو پوي ٿو ممڪن آهي تہ اهي اهڙي مسئلي ڪي گهٽائي يا روڪي نہ سگهن. اهڙا مسئلا رڳو تڏهن ئي حل ٿي سگهن ٿا، جڏهن سڄي برادري پاڻيءَ جي تحفظ لاءِ منظم ٿي، سرڪار تي دباءُ وجهي ۽ صنعت لاءِ پاڻيءَ جي استعمال ڪرڻ لاءِ قانونن تي عمل ڪرڻ لاءِ زور ڀري.

## سنپاليل ڪوهه

جَر جي پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪيترن قسمن جا ڪوهه ٿين ٿا. انهن ۾ سادي ۾ سادي هٿ سان کوٽيل کڏ ٿئي ٿي جنهن کي **کُهري يا اسڪوپ هول** (scoop hole) به سڏجي ٿو. جڏهن ته مهانگي ۾ مهانگو **ڏيوب ويل** (tube well) سڏجي ٿو جنهن ۾ هڪ پائيپ, جَر تائين پهچايو ۾ زمين تي انکي پمپ سان ڳنڍي پاڻي ڪڍيو وڃي ٿو. کو کوهه تڏهن ئي ڪارائتو سمجهيو وڃي ٿو جڏهن ماڻهو ان مان پاڻي ڪڍي سگهن. ڪنهن به برادريءَ لاءِ هڪ سٺي کوهه هجڻ جو مدار منجهس.موجود جر جي اونهائي ۾ ان جي کوٽڻ, بورنگ ۾ کوهه ٺاهڻ جي وسيلن تي هجي ٿو. گهڻين حالتن ۾ هڪ اهڙو سادو تانگهو کوهه, جنهن مان ماڻهو باٽلين/ ڏولن رستي پاڻي ڪڍي سگهن وڌيڪ بهتر ٿئي ٿو بنسبت ڪنهن مهانگي اونهي کوهه جي جنهن لاءِ پمپ جي ضرورت ٿئي ٿي. اهڙا ڪيترائي تانگها کوهه, عام طور تي هڪ اونهي کوهه کان وڌيڪ بهتر ٿين ٿا. ڇاڪاڻ ته, اهڙو هڪڙو کوهه جڏهن سُڪي وڃي ٿو تڏهن بين مان پاڻي ڪڍي سگهجي ٿو.



جڏهن ماڻهو کوهه جي پڳ تي بيهن يا گنديون باٽليون استعمال ڪن ٿا ته کوهه جو پاڻي خراب ٿي وڃي ٿو.

## سٺن کوهن ۽ پاڻيءَ جي کڏن (گُهرين) کي سنڀالڻ لاءِ قدم

کنهن بہ کوھہ کوٽڻ کان اڳ ۾ پڪ ڪريو تہ اھو سڀني جون ضرورتون سٺيءَ طرح سان پوريون ڪري سگهندو. کوهن جو پاڻي تڏهن جوکائتو ٿي وڃي ٿو جڏهن اهي:

- کاڪوس لاءِ کوٽيل کڏن، ڪسين، گند ڪچري جي ڍيرن يا مال جي گهڻو ويجهو هجن. جڏهن تہ اهي، اهڙن هنڌن کان گهٽ ۾ گهٽ 30 ميٽرن جي دوريءَ تي هجڻ گهرجن
- کنهن بہ اهڙي هنڌ جتي صنعتي ڪم جهڙوڪ: کاڻيون کوٽي تيل ڪڍيو ويندو هجي، اهڙيون زمينون جتي جيتمار دوائون يا ڀاڻ استعمال ٿيندڙ هجي يا گند ڪچري جا ڍير موجود هجن
- غليظ يا مٿاڇري جو پاڻي کوھہ ۾ پوندو هجي

تانگها کوٽيل کوھہ صاف ۽ سنو پاڻي ڏيئي سگهن ٿا. جڏهن تہ اهڙو پاڻي جلد سُڪي يا سولائيءَ سان ڪنو ٿي سگهي ٿو. وسڪاري جي مند ۾ مٿاڇري جو پاڻي روڳي جيوڙن ۽ غلاظت سميت کوھہ ۾ وڃي سگهي ٿو. انسان ۽ جانور اهڙي استعمال ٿيندڙ کوھہ جي پاڻي ۾ پنهنجن پيرن رستي روڳي جيوڙا پهچائي سگهن ٿا. کوھہ جي ڀگ چوگرد رسا ۽ باٽليون يا ڏول پڻ روڳي جيوڙن جا گهر ٿي سگهن ٿا ۽ انهن رستي جڏهن پاڻي ڪڍيو وڃي ٿو تہ ڪنو ٿي وڃي ٿو.

اهڙين حالتن ۾ ٿوري سڌاري ڪرڻ سان غلاظتن کان بچي سگهجي ٿو. مثال طور، پڪ ڪجي تہ جيئن صاف سٽرين باٽلين ۽ رسن رستي کوھہ مان پاڻي ڪڍي سگهجي. کوھہ جي منهن جي چوگرد مٽيءَ جو ٻنو يا مٽيون حصو سرن يا سيمينٽ جو ٻڌي ڇڏجي تہ جيئن پاڻي کي صاف رکي سگهجي. کوھہ کي استر ڪرڻ سان ان جي سُڪڻ يا جهرڻ جو امڪان گهٽجي وڃي ٿو ۽ اونهي کوھہ ۾ وڌيڪ پاڻي گڏ ٿيڻ ڏئي ٿو (کوهن سڌارڻ لاءِ ايندڙ صفحن تي ڏنل ڪجھہ تصويرون ڏسو).

نوان کوھہ کوٽڻ يا پاڻيءَ جي سنجتن ۾ مهانگيون تبديليون ۽ سڌارا آڻڻ کان اڳ ۾ ڪجھہ اهڙا ننڍڙا سڌارا آڻيو، جن جو هيٺ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ جيئن توهانجي پاڻيءَ جا وسيلا سلامتيءَ وارا ٿي سگهن.

### پاڻيءَ جي کڏن کي سڌارڻ




کڏ جي پاڻيءَ تائين پهچڻ لاءِ پڪا ڏاڪا ناهجن تہ جيئن پڄڻ بنا پاڻي، مٿين ڏاڪي تان بيهي ڪڍي سگهجي. ان لاءِ هميشہ آخري سڪل ڏاڪو استعمال ڪجي پر پاڻيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ لهجي.

## بنيادي ڪوهن ۽ کُهرين (scoopholes) ۾ سڌارا آڻڻ



1. غير معياري اسڪوپ هول



2. کوه جو منهن مٽي ڪري ٺاهيل ته جيئن منجهس ٻاهريون پاڻي وڃي نه سگهي



3. منهن بئرل ۾ ڍڪ سان ڍڪيل



4. مٽاچرو سرن ۾ پاڻيءَ جي نيڪاس لاءِ پڪو ڪيل



5. ڍڪيل منهن نيڪاس، دڪي ۾ پاڻي نيڪال ڪندڙ ناليءَ سان



6. ڍڪيل منهن نيڪاس دڪي، پاڻي جي نيڪر ۾ باغ

**اهم ڳالهه:** ڪڏن جو پاڻي چاڻڻ ڪانسواءِ استعمال نه ڪجي. پاڻي پيئڻ کان پهرياڻين ڪپڙي سان ڇاڻجي جنهن سان منجهس موجود ڪجهه جيوڙا ختم ٿي ويندا. پاڻيءَ کي پيئڻ لائق بنائڻ جا طريقا ص. 92 کان 99 تي ڏنل آهن.

## پنهنجي گهر جي کوهه/ کوهيءَ جي سنڀال لهڻ

ڪيترين برادرين وٽ ٽيوب ويل يا نلڪا لڳل ٿين ٿا جيڪي حڪومت، مقامي يا بين الاقوامي ادارا هڻائي ڏين ٿا. اهڙن اونهن ۽ بند کوهن هجڻ سبب اهي ماڻهن ۽ جانورن جي گند ۽ غلاظت کان محفوظ رهن ٿا. جڏهن ته، بورنگ ڪرڻ جي ڪيترن سالن کانپوءِ اهڙا ڪيترا کوهه ان سبب ڪتب اچي نٿا سگهن. جو انهن جا يا ته پمپ خراب ٿي وڃن ٿا يا پرزا ملي نٿا سگهن يا جن کي مرمت ڪرڻ ايندي هئي اهي وسندي ئي ڇڏي وڃن ٿا. جنهن سبب لاڳيتو صاف پاڻي ملي نٿو سگهي ۽ ماڻهو پرانهن هنڌن تان گندو پاڻي ڍوئي پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪندا رهن ٿا. آفريڪا جي ڪن حصن ۾ گهرن ۾ لڳل اهڙن کوهن جي جاءِ تي هاڻ ٽيوب ويل اچي ويا آهن.

اصل ۾ کوهه هڪ سان کوٽيل هڪ سوراخ ٿئي ٿو جنهن کي استر ڪيو سيمينٽ جو ڍڪ ڏنو پاڻي ڇڪڻ لاءِ چرخي رکي ۽ پاڻيءَ جي وهي وڃڻ لاءِ هڪ ڍِڪو ناهيو وڃي ٿو. اهڙي هر هڪ شئي کوهه جي سلامتي وڌائي ڇڏي ٿي. جڏهن اهي سڀ شيون مضبوط هجن ۽ پاڻي به ڏيان سان ڪڍيو رهجي ته گهر جو اهڙو کوهه تمام سلامتيءَ وارو ٿئي ٿو.

### کوهه ڪٿي کوٽجي؟



کوهه ڪٿي کوٽي سگهجي ٿو ان جي سٺي نشاني ويجهڙ وارا کوهه ڏسڻ آهن ته منجهن پاڻي ڪيترو مٿاهينءَ تي موجود آهي. پر جي بيا کوهه گهڻا اونها آهن ته نئين کوهه جو جَر به ايترو گهڻو اونهو ٿي سگهي ٿو جو اوسيتائين کوڙر رستي پهچي نٿو سگهجي. اهڙي هڪ ٻي سٺي نشاني سڄو سال ساوڪ ۽ ٻوٽن جو هجڻ ٿي سگهي ٿو جن کي سائي ستابي رهڻ لاءِ جهجهي پاڻيءَ جي گهرج ٿئي ٿي. هيناهين هنڌ تي، مٿانهن هنڌن جي ڀيٽ ۾ پاڻي هجڻ جا وڌيڪ امڪان ٿين ٿا. پر جي ڪنهن هيناهين هنڌ تي کوهه کوٽجي ته ان کي مينهن جي پاڻيءَ کان بچائڻو پوي ٿو.

### کوهه کي سٺو استر ڪري ڇڏڻ

گهڻيءَ پڪي زمين ۾ کوهه کي پلستر ڪرڻ اجايو ٿئي ٿو. جڏهن ته، مٿان کان 1 کان 2 ميٽر هيٺتي پلستر ڪرڻ عقلمندي سمجهي وڃي ٿي ته جيئن پٽين جا پاسا ڄُهري نه پون. پر جي سڄي کوهه کي پلستر ڪري ڇڏجي ته اجان به وڌيڪ خاطري ٿئي ٿي. جڏهن ته ان سبب اڳتي هلي کوهه کي وڌيڪ کوٽڻ ۾ گهڻي تڪليف ٿي سگهي ٿي. اهڙي کوهه جي استر کي پٿرن، پڪين سرن يا سيمينٽ سان به پڪو ڪري سگهجي ٿو.



1کان 2 ميٽرن تائين پلستر ڪرڻ



سڄو کوهه پڪو ڪرڻ

## چرخيون، پڪا ۽ زنجير

چرخي، هڪ اهڙي سرائي آهي جيڪا هٿئي/ هئنڊل سان ڳنڍيل ٿئي ٿي ته جيئن باٽلي ڇڪڻ سولي ٿئي ۽ مٿس باٽلي ڇڪيندڙ زنجير يا رسو ويڙهجي سگهجي. جيڪڏهن اڳتي هلي کوهه تي پمپ رکڻو پوي ٿو ته چرخي سولائيءَ سان ڪڍي سگهجي ٿي. باٽليءَ کي زنجير يا رسي جي ڇيڙي سان ٻڌي ڇڏيو. زنجير جو استعمال ان سبب بهتر ٿئي ٿو جو مٿس گهٽ ۾ گهٽ جيوڙا واڌ ويجهه ڪري سگهن ٿا. پر مهانگي ٿئي ٿي. رسو سستو ۽ ٽٽي پوڻ جي حالت ۾ سولائيءَ سان مٽائي سگهجي ٿو.




**هن تصوير ۾ ڪاٺ جي چرخي زمين ۾ ڪتل ڏيکاري وئي آهي. جڏهن ته اهڙي چرخيءَ کي سرن رستي به جڪڙي سگهجي ٿو.**

## نيڪاس جو دڪو

نيڪاس - دڪي رستي، کوهه مان ڪِرندڙ ۽ وهندڙ پاڻي نيڪاس واري هنڌ ڏانهن هليو وڃي ٿو جنهن سبب کوهه جي چوگرد گپ چڪ ٿي نٿي سگهي ۽ نه ئي جيوڙا ۽ جيت واڌ ڪري سگهن ٿا. جيئن ته جيوڙا چيرن ۽ ڏارن ۾ واڌ ڪن ٿا تنهنڪري دڪو سنو ناهڻ گهرجي.



## کوهن مان پاڻي ڪڍڻ

ڪنهن کوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ هڪ پمپ جي ضرورت ٿئي ٿي جيڪي مختلف طاقتن وارا بجلي، گئس، شمسي توانائي يا انساني طاقت وسيلي هلائي سگهجن ٿا. جيڪڏهن پمپ استعمال ڪرڻ ڏکيو ٿيندو هجي يا خراب ٿي پوي ته ماڻهو اهڙن هنڌن تان پاڻي ڀرڻ شروع ڪن ٿا، جيڪي جوکائتا ٿي سگهن ٿا.

### پمپ جي چونڊ ڪيئن ڪجي؟

سيني پمپن ۾ هڪ ڳالهه ساڳي ٿئي ٿي ته اهي جڏهن خراب ٿي پون ٿا ته پاڻي ملي نٿو سگهي. گهڻن ماڻهن لاءِ اهڙو پمپ بهتر ٿئي ٿو جيڪو هو پاڻ هٽي، هلائي ۽ خراب ٿيڻ جي حالت ۾ ٺاهي سگهن يا ڪنهن ڄاڻو مستريءَ کان ٺهرائي سگهن. تنهنڪري ڪنهن به پمپ جي چونڊ ڪرڻ وقت هيٺين ڳالهيون ذهن ۾ رکجن:

- ڇا اهو مرد ۽ عورتون ٻئي استعمال ڪري سگهندا ۽ ڇا اهڙي پمپ جي چونڊ ڪرڻ لاءِ عورتن سان صلاح ڪئي ويئي آهي؟
- اهو پمپ ڪهڙي قسم جي توانائيءَ تي هلندو؟ جيڪڏهن پمپ هلائڻ لاءِ مهانگي تيل يا بجليءَ جي ضرورت هوندي ۽ اها موجود نه هوندي ته پمپ ڪارائتو ٿي نه سگهندو.
- ڇا پمپ استعمال ڪرڻ ۾ سولو آهي ۽ ان جا پرزا سولائيءَ سان ملي سگهن ٿا؟ ڇا اهڙو پمپ وٺڻ بهتر ٿيندو، جيڪو جلد خراب ٿيڻ جي حالت ۾ مقامي طور تي سولائيءَ سان ٺاهي سگهجي يا هڪ اهڙو پمپ جيڪو سالن جا سال هلي پر مقامي ماڻهو اهو ٺاهي نه سگهن؟

### رسي وارو پمپ: سستو ۽ سولائيءَ سان پاڻي ڪڍندڙ

رسي وارو پمپ اصل ۾ چيني طرز جو هڪ پمپ آهي، جنهن رستي ڪنهن به کوهه مان جيڪو 15 ميٽرن تائين اونهو هجي ٿورڙي محنت سان پاڻي ڪڍي سگهجي ٿو. جڏهن به ڪو فرد هن پمپ جي ڦيٿي کي ڦيرائي ٿو ته پاڻي پرجي مٿي چڪجي ٽونٽيءَ مان وهڻ شروع ڪري ٿو.

هن پمپ جي ٺاهڻ تي ٿورڙو خرچ اچي ٿو ۽ سولائيءَ سان هٽي سگهجي ٿو. هن پمپ جو وڏ ۾ وڏ ٽٽندڙ حصو رسو ٿئي ٿو، جنهنکي متاٽڻ بجاءِ ڳنڍي وري استعمال ڪري پاڻي ڪڍي سگهجي ٿو. دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ماڻهو رسي وارو پمپ استعمال ڪري پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪن ٿا (ڏسو وسيلا).




رسي وارو پمپ سستو ۽ پائدار پرزن مان ٺاهيو ويو آهي.

# پنهنجي چشمي جي سنڀال لهڻ

چشما، اتي ٿين ٿا جتي زمين مان قدرتاً پاڻي مٿاڇري تي وهي اچي ٿو. جيئن ته چشمي جو پاڻي پٿرن ۽ مٽيءَ سبب ڇڻجي ۽ جلد وهي اچي ٿو تنهنڪري تيستائين صاف سمجهيو وڃي ٿو جيستائين مٿاڇري تي پهچڻ کانپوءِ گندو نه ٿيندو هجي. اهڙو چشمو صاف ۽ ان جو پاڻي پيئڻ جوڳو آهي يا نه ان لاءِ ڏسو ته ان جو ذريعو ڪهڙو آهي (جتان اهو زمين مان ٻاهر وهي ٿو) ۽ پوءِ هيٺيان سوال پڇو:

- ڇا اهو چشمي جو اصل ذريعو آهي يا اتي ڪو وهڪرو آهي يا مٿاڇري وارو پاڻي چشمي جي مٿان هيٺ وهي وڃي ٿو؟ جيڪڏهن ايئن آهي ته ان جو مطلب ٿيو ته، چشمي جو پاڻي اصل ۾ مٿاڇري وارو پاڻي آهي، جيڪو ٿورڙي مفاصلي کان زمين اندر وهندو رهي ٿو. اهڙين حالتن ۾ ممڪن آهي ته اهو پاڻي گندو هجي يا رڳو مينهوڳيءَ جي مند ۾ وهندو هجي.
- ڇا چشمي مٿان ٽَڪر ۾ وڏا سوراخ آهن؟ جيڪڏهن آهن ته ڪنهن تيز وسڪاري کانپوءِ چشمي جو پاڻي نظر مان ڪيو. جيڪڏهن پاڻي گهٽو لڙاٽيل يا ميرو ڏسڻ ۾ اچي تڏهن ممڪن آهي ته اهو مٿاڇري کان وهي ايندو هجي.
- ڇا اهڙو ڪو امڪان ته ناهي ته چشمي جي مٿاڇري ويجهو يا بلڪل مٿان پاڻي، ڪنهن ذريعي سبب ڪنو ٿيندو هجي؟ جهڙوڪ: گئونچر، ڪڏن وارا ڪاڪوس، ڪنيون ٽانڪيون، جيتمار دوائون، پاڻن جو استعمال يا ٻيون ڪي انساني سرگرميون.
- ڇا چشمي جي 15 ميٽرن اندر زمين گهٽي نرم يا وارياسي ته ناهي؟ جيڪڏهن آهي ته ان سبب مٿاڇري وارو ڪنو پاڻي جَر جي پاڻيءَ سان سولائيءَ سان ملندو رهندو.

## چشمن جي چؤگرد واري هنڌ جو بچاءُ ڪرڻ

ڪنهن کوھ کوٽڻ يا نلڪي هڻڻ جي ڀيٽ ۾ چشمي جو بچاءُ ڪرڻ وڌيڪ سستو ٿئي ٿو. هڪ دفعي جي بچاءَ ڪرڻ کانپوءِ چشمي مان پائيپن رستي ڪنهن ويجهي وسنديءَ / برادريءَ کي پاڻي پهچائڻ نسبتاً سولو پوي ٿو. اهڙي هنڌ جي چوگرد لوڙهو ڏيئي ۽ کڏ کوٽي ڇڏجي ته جيئن مٿاڇري وارو وهندڙ پاڻي ۽ غلاظت نيڪال ڪري سگهجي. ايئن ڪرڻ سان، جانور به اوسيتائين پهچي نه سگهندا.

چشمي جي اڃان به وڌيڪ بچاءَ ڪرڻ لاءِ ان جي ويجهو ديسي وڻ پوکي ڇڏيو. وڻن پوکڻ سان زمين جي کاڌ ٿي نه سگهندي ۽ اهو هنڌ پاڻي پيرڻ لاءِ وڌيڪ وڻندڙ ٿي پوندو.



## پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ اسپرنگ باڪس (چشمي جي هودي) ٺاهڻ

اسپرنگ باڪس (spring box) هڪ اهڙي ڍڪيل ٽانڪو جيان ٿئي ٿو جيڪو سرن يا سيمينٽ سان اوساري ڪري ٺاهيو ويجي ٿو ته جيئن چشمي جي پاڻيءَ کي ڪني ٿيڻ کان بچائي سگهجي. اسپرنگ باڪس هجڻ سبب چشمي وٽان پاڻي ڀرڻ يا پائيپن رستي برادرين جي نلڪن يا ٽانڪين تائين پهچائڻ سولو ٿئي ٿو. ڪنهن بهترين قسم جي اسپرنگ باڪس جو مدار زمين جي قسم ۽ استعمال ٿيندڙ مواد تي ٿئي ٿو.

### هڪ اسپرنگ باڪس جا حصا




**هڪ قسم جي اسپرنگ باڪس جو هڪ ٺاڪرو حصو ڪٽي ڏيکاريو ويو آهي ته ان ۾ ڇا ڇا آهي.**

### پائيپن ۾ اسپرنگ باڪسن کي بار بار صاف ڪرڻو پوي ٿو

اسپرنگ باڪسن کي ڌسڻ ۾ پڪ ڪرڻ جي ضرورت ٿئي ٿي ته جيئن اهي لاڳيتو صاف پاڻي ڏيندا رهن. لٽ، پن، مٽل جانور ۽ اهڙيون ٻيون شيون پائيپن ۾ اسپرنگ باڪسن ۾ گڏ ٿي پائيپ بنجي ۾ پاڻي ڪنو ڪري ڇڏين ٿيون. اسپرنگ باڪس ۾ پاڻي نيندڙ پائيپ تي جاري هٽي ڇڏبي ته منجهس اڻ گهربل ۽ هاڃيڪار شيون وڃي نه سگهنديون. جاريءَ کي وقت بوقت صاف ڪندي رهڻ سان اها به پڪ ٿيندي رهندي ته پاڻي لاڳيتو وهندو رهي ٿو.

# مينهن جو پاڻي گڏ ڪرڻ

صاف پاڻي حاصل ۽ گڏ ڪرڻ جو هڪ سولي ۾ سولو ۽ اثرائتو طريقو مينهن جو پاڻي ڪٺو ڪرڻ آهي. مينهن جو پاڻي، پيئڻ لاءِ استعمال ڪرڻ صحيح آهي سواءِ اهڙن هنڌن جي جتي هوا جي گهڻي غلاظت ٿئي ٿي. جڏهن پاڻيءَ جي اٽاٽ ۽ سني پاڻيءَ جو ڪال هجي تڏهن مينهن جو پاڻي گڏ ڪري استعمال ڪرڻ انجو هڪ سنو اپاءُ آهي.

گهر ڀرسان **زمين ڪان مٿي پاڻيءَ جون ٽانڪيون** رکي سگهجن ٿيون. ڇت جو پاڻي گڏ ڪري ورائي ٽانڪيون ڀري سگهجن ٿيون. ان لاءِ ناليدار ٽين يا پڙڇن جون ٺهيل ڇتيون بهتر ٿين ٿيون. جڏهن ته ڪچين ڇتين ۽ ڪِڙن/ ڪانن واري ڇپر (thatched roof) سبب گڏ ٿيندڙ گهڻي مٽي خراب ٿئي ٿي. شيهي، ائسبيسٽاس يا ڏامر جي ٺهيل ڇتين ۾ زهريلا ڪيميائي مادا هجڻ سبب اهڙو پاڻي پيئڻ لاءِ صحت بخش نٿو ٿئي. اها به پڪ ڪندا رهو ته، توهان بلڪل صاف ڊرمن ۾ پاڻي گڏ ڪريو ٿا ۽ اهي ڪڏهن به تيل يا جيتمار دوائن جهڙن زهريلن ڪيميائي مادن لاءِ استعمال نه ڪيا ويا آهن.



**مينهن جي پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ ٽين جي ڇت استعمال ڪرڻ**

ترائين رستي زمين تي وهندڙ پاڻي ۽ وسڪارو گڏ ڪري سگهجي ٿو. هڪ سادي ترائي ٺاهڻ لاءِ زمين ۾ هڪ کڏو کوٽي، مٽي ويهاري يا انکي گاري سان ليپي، ٽائيل، سيمينٽ يا پلاسٽڪ جي شيٽ سان ڍڪي سگهجي ٿو. هن قسم جي حوضن مان جانورن کي پاڻي پياري يا وهنجڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن اها ترائي پيئڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندي هجي ته انکي لوڙهو/ جهنگلو ڏيئي جانورن کان بچائڻ گهرجي. اهڙي ترائيءَ جو پاڻي پيئڻ کان اڳ ۾ صاف ڪرڻ گهرجي (ڏسو ص. 92 کان 99).

ڇتين يا ترائين رستي گڏ ڪيل پاڻي زير زمين ٽانڪين ۾ گڏ ڪري سگهجي ٿو جيڪو پاڻيءَ کي ٿڌي ۽ ڍڪيل رکي سگهڻ جو هڪ تمام سٺو طريقو آهي. اهڙو پاڻي زمين جي مٿاڇري تي ٽانڪين ٺاهڻ يا ٺهيل ٽانڪين وٺڻ کان گهٽ مهانگو پوي ٿو.

## مينهن جي پاڻيءَ ڪي پيئڻ لاءِ سلامتيءَ وارو بڻائڻ

مينهن جي پاڻيءَ کي پيئڻ لائق بڻائڻ لاءِ گند غلاظت کان صاف رکڻ ضروري ٿئي ٿو. توهان جيڪو پاڻي گڏ ڪريو ٿا، انجي اَروڳي هجڻ لاءِ پڪ ڪريو:

- مينهوڳيءَ جي مند کان اڳ ۾ ٽانڪي منجهه پائيپ نيندڙ پاڻي ۽ ڇت جون ناليون صاف ڪريو.
- ڪڏهن بہ ڪنهن اهڙي ڪنٽينر / ٽانو ۾ پاڻي گڏ نہ ڪريو جيڪو تيل، جيتمار دوائن يا ڪن قسمن جي زهريلن ڪيميائي مادن لاءِ استعمال ڪيو ويو هجي.
- مينهوڳيءَ جو هر پهريون وسڪارو ٽانڪيءَ مان ٻاهر وهي وڃڻ ڏيو تہ جيئن اها صاف ٿي وڃي.
- ٽانڪيءَ کي ڍڪي منجهس نيندڙ پاڻيءَ جي پائيپن کي هڪ فلٽر يا ڇاريءَ سان ڍڪي ڇڏيو تہ جيئن منجهس جيت جڻيا، ڪک پن ۽ مٽي وغيره وڃي نہ سگهي. ايئن ڪرڻ سان مڇرن جي واڌ بہ ٿي نہ سگهندي.
- ٽي سگهي تہ هميشہ ٽونٽين رستي پاڻي ڪيڊندا رهو. جيڪڏهن ٻاٽلين يا ٻين ٿانون رستي پاڻي ڪڍيو وڃي ٿو تہ پڪ ڪريو تہ اهي ڏوتل ۽ صاف آهن.
- وڌيڪ سلامتيءَ لاءِ ٽانڪيءَ ۾ ڪلورين ملايو (ڏسو ص. 99) يا ٽانڪيءَ سان پاڻي صاف ڪرڻ جو فلٽر هٽي ڇڏيو (ڏسو ص. 96).
- پاڻيءَ کي لوڏيو يا ڇاڇوليو بہ نہ، تہ جيئن ٽانڪيءَ ۾ موجود مٽي يا جيوڙا وغيره آنرجي تري ۾ ويهجي وڃن.
- وقت بوقت ڇت کي صاف ڪندي رهڻ سان مينهن جو گڏ ٿيندڙ پاڻي صاف رهندو.

### ريگستان ۾ مينهن جو پاڻي گڏ ڪرڻ

راجستان، انڊيا جي ٿر ريگستان ۾ مينهن جي پاڻي گڏ ڪرڻ جو هڪ طريقو ڳوٺن جون ترائيون آهن، جنڪي "نادي" جي نالي سان سڏين ٿا. جيڪي ڳوٺ جو هر ماڻهو يا اتان لانگهائو ٿيندڙ استعمال ڪري سگهي ٿو.



نادين جي سنڀال لهڻ ۾ ڳوٺ جو هر فرد شامل ٿئي ٿو. قديمي قانونن موجب نادين جي ڪنارن ويجهو يا جنهن هنڌ تي پاڻي گڏ ٿي ناديءَ ۾ اچي پوي ٿو اتان وڻ ٽڻ وڍڻ جي منع آهي. نادين کان جانور ۽ ڍور ڍڳا پري رکيا وڃن ٿا ۽ ڪو بہ فرد ناديءَ پر سان پيشاب نٿو ڪري يا پيتان نٿو ويهي. مهيني ۾ هڪ ڀيرو جڏهن چنڊ نٿو اڀري، ڳوٺ جا سڀ ماڻهو گڏجي ناديءَ ۾ جيڪا بہ واري يا لٽ گڏ ٿي وڃي ٿي صاف ڪري ڇڏين ٿا. نادي صاف ڪرڻ سان اها اونهي ٿي وڃي ٿي ۽ تري ۾ جيڪڏهن ڪي جيوڙا گڏ بہ ٿي ويل هوندا آهن تہ صاف ٿي وڃن ٿا. ناديءَ جي صفائي ڪرڻ ڪانپوءِ ڳوٺاڻا پاڻيءَ کي آنرڻ ڏين ٿا تہ جيئن اهو وري صاف ٿي وڃي. اهڙن طريقن سان راڄ گڏجي پنهنجي پاڻيءَ جي سنڀال لهندو رهي ٿو.

## پاڻي سلامتيءَ سان نيئڻ

جڏهن بہ پاڻي پنهنجي اصل هنڌن تان، گهرجائو ماڻهن تائين نيندو ويندو هجي تڏهن وڏ ۾ وڏ ڌيان رکجي تہ اهو اَروڳيل ۽ صاف رهي ٿو. ڪنهن بہ برادريءَ ۾ پاڻي ڍوئڻ، روزاني ڪم جو هڪ ڪٺن حصو ٿئي ٿو جيڪو گهڻي ڀاڱي نينگرين ۽ عورتن کي ئي ڪرڻو پوي ٿو. مٿي، پناڙن يا مٿي سان پٺا ٻڌي يا سينهوڙا رکي پاڻي کڻڻ سان بار بار مٿي ۽ پناڙن ۾ سور پوي ٿو ڪرنگهي کي ڇيهو رسي ٿو ۽ ٻورهارين عورتن جي جسم تي دٻاءُ پوڻ سبب ڪين ڇڪي اچي سگهي ٿي.

پاڻيءَ جي رٿائن ۾ سڌارا واڌارا آڻڻ سان اهڙي بوجهہ کي گهٽائي سگهجي ٿو. ورلي سادين تبديلين آڻڻ سان پاڻي ڍوئڻ ۽ کڻڻ جو ڪم سولو ٿي پوي ٿو. پاڻيءَ جا سنجٽ ناهڻ سان پرانهن هنڌن تان پاڻي ڍوئڻ جي آزار کان بچي پئجي ٿو. ساڳئي طريقي سان گهر بہ پاڻيءَ جي ذريعن ويجهو اڏي سگهجن ٿا. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي گهريلو زندگيءَ ۾ هن ڪم جي اهميت کي سمجهن ۽ پاڻي گڏ ڪرڻ ۽ ڍوئڻ جي ڪم ۾ هڪٻئي جو هٿ ونڊائيندا رهن تہ ان سان برادريءَ جي صحت سڌاري سگهجي ٿي.

## نلڪن جو پاڻي

نلڪن / پائيپن رستي حاصل ٿيندڙ پاڻيءَ جا ڪيترائي فائدا آهن جنهن سان پاڻيءَ جي ڪني ٿيڻ جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا ۽ ڪوڙن ۽ مڇرن جي واڌ ڪرڻ جون کي نالي ماتر جايون بچن ٿيون. پر جيڪڏهن پائيپن رستي پاڻي پهچڻ جو اهڙو سرشتو ناقص هجي ۽ غير سلامتيءَ وارن طريقن سان استعمال ڪجي تہ ڪنهن بہ اهڙي سرشتي نہ هجڻ جي ڀيٽ ۾ پاڻي تمام گهڻو ڪنو ۽ غليظ ٿي وڃي ٿو تنهنڪري پاڻيءَ جي پائيپن جو سرشتو خبرداريءَ سان هن ڳالهہ کي ذهن ۾ رکندي جوڙجي تہ هن وقت ڪيترو پاڻي موجود ۽ ان جي ڪيتري گهرج آهي ۽ آئيندي لاءِ جيئن جيئن توهانجي برادري وڌندي ويندي تڏهن ڪيترو پاڻي گهربل هوندو.

جيتوڻيڪ پاڻي، پاڻيءَ جي ڪنهن بہ ذريعي مان پائيپن رستي ڇڪي سگهجي ٿو پر چشما ۽ حوض ان جا عام ذريعا ٿين ٿا. اهڙو گهٽ ۾ گهٽ مهانگو ذريعو ان وسنديءَ کان مٿاهين وارو اهڙو هنڌ ٿئي ٿو جنهن مان ڇڪ سبب هيٺاهين تي پاڻي وهندو رهي ٿو. پاڻيءَ جي وڏين وڏين ٽانڪين تائين پاڻي، پائيپن رستي پهچايو وڃي ٿو. تنهنڪري اهڙي پاڻيءَ کي ڪلورين رستي يا ڇاڻي / فلٽر هٽي صاف ڪري پوءِ ٽانڪين جو پاڻي ماڻهن جي گهرن تائين يا ڪنهن وسنديءَ کي پائيپن رستي پهچايو وڃي ٿو.



پائيپن جي سنجٽن جو هڪ اهم حصو ڪنهن فرد کي، ناقص پائيپن جي مرمت ڪرڻ لاءِ ذميوار ڪري ڇڏڻ ٿئي ٿو.

پائيپن رستي پهچندڙ پاڻيءَ جي سرشتي جي سدائين سنڀال لهڻي پوي ٿي. پائيپ وڇايل هنڌن جي رڪارڊ رکڻ سان حادثن کان بچي سگهجي ٿو ۽ ٽٽي ڀيل پائيپن لهڻ ۽ انهن جي مرمت ڪرڻ سولي ٿي پوي ٿي. ڀڳل پائيپن رستي گهڻو پاڻي سمي ضايع ٿي وڃي ٿو منجهس ڪسين جو پاڻي يا زمين جي غلاظت شامل ٿي سگهي ٿي ۽ مڇرن ۽ ڪوڙن جي واڌ ڪرڻ جو هنڌ ٿي پوي ٿو. جيڪڏهن پائيپن لاءِ سٽي، ڪپهہ يا چمڙو استعمال ڪيو وڃي تہ انهن تي جيوڙا واڌ ويجهہ ڪري پاڻيءَ اندر داخل ٿي، پاڻيءَ کي گندو ۽ غليظ ڪري سگهن ٿا.

## ڳوٺ جي عورتن ۽ مردن جون پاڻيءَ بابت ڳالهيون



جڏهن ميڪسيڪو جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي، پاڻيءَ جي ڪميٽيءَ هڪ وڏي چشمي جو پاڻي پائيپن رستي ڳوٺ تائين رسائڻ جي رٿا جوڙي تڏهن هنن فيصلو ڪيو تہ وٽن، ايترو پئسو آهي جو اهي ٻن گهرن ڪي هڪ ٽونٽي / نلڪي ڏيڻ جو خرچ برداشت ڪري سگهن ٿا. ڳوٺ جي پئنچائت ڪي، پاڻي ڪميٽيءَ جي مرد ميمبرن ٻڌايو تہ ٽونٽيءَ رستي حاصل ٿيندڙ پاڻي رڳو پيئڻ ۽ رڌپچاءَ لاءِ استعمال ڪري سگهبو. ان ڳالهہ جي سيني ساراهہ ڪئي تہ اها هڪ سٺي ڳالهہ آهي، جنهن سبب هاڻي عورتن کي درياءَ تان پاڻي پرڻ ۽ اهو اُڀاري جيوڙن کان صاف ڪرڻ لاءِ سڄو ڏينهن برباد ڪرڻو نہ پوندو.

پئنچائت مان هڪ عورت ڪانئن پڇيو تہ، “ڪپڙا ڪيئن ڌوتا ويندا؟” جنهن تي پاڻي ڪميٽيءَ جي هڪ رڪن ڪيس ٻڌايو تہ “توهان اڳي جيان درياءَ تان ڪپڙا ڌوئي سگهو ٿا”. هڪ ٻيءَ عورت پڇيو تہ، “اسانجي ٻارن جي وهنجڻ جو ڇا ٿيندو؟”. جنهن تي ڪيس چيو ويو تہ “توهان هميشہ جيان هاڻ بہ پنهنجن ٻارن کي درياءَ تي وهنجاري سگهو ٿا”. ٽين عورت ڪانئن پڇيو تہ “اسانجي گهرن جي واڙين جو ڇا ٿيندو؟ اسان اتي سبزيون پوکڻ چاهيون ٿا”.

عورتن محسوس ڪيو تہ سندن ڳالهہ ٻڌي ئي نہ ٿي وڃي. عورتن چيو جيئن تہ پاڻي ڪميٽيءَ ۾ ڪا بہ عورت ميمبر ناهي، تنهنڪري عورتن جي ضرورتن ۽ اهنجن ڏانهن ڌيان نہ ڏنو ويو آهي تنهنڪري، ڪين بہ پاڻي ڪميٽيءَ جو ميمبر ڪيو وڃي ۽ هڪ نئين رٿا ناهڻ ۾ سندن مدد ورتي وڃي. جنهن تي سڄي پئنچائت راضپو ڏيکاريو.

پاڻيءَ جي نئين ڪميٽي هڪ مختلف رٿا تيار ڪئي. هاڻ، فيصلو ڪيو ويو تہ هر 2 گهرن کي هڪ نلڪي ڏيڻ بجاءِ هر 6 گهرن کي هڪ نلڪي ۽ واش بئسن ڏني ويندي. جيتوڻيڪ عورتون اجان بہ پاڻي ڍوئينديون رهن ٿيون پر ڪپڙن ڌوئڻ، ٻارن وهنجارڻ ۽ مڪئي صاف ڪرڻ جو ڪم ڳوٺ ۾ ئي ڪن ٿيون. نلڪي رڳو پيئڻ جي پاڻي لاءِ جڏهن تہ واش بئسن باقي سيني ڪمن لاءِ استعمال ڪئي وڃي ٿي. جنهن سبب هاڻ اها ڳالهہ پڪي ٿي پيئي آهي تہ پيئڻ لاءِ ملندڙ پاڻي صاف آهي. جڏهن تہ واش بئسن جو گندو پاڻي پنهنجيءَ واڙيءَ لاءِ ڪتب آڻين ٿا.

اها رٿا، مردن کي بہ ڏاڍي وڻي. ڇاڪاڻ تہ، هو روزانو جڏهن زمين تان واپس ورندا هيا تہ ڪين پنهنجي سامان ڌوئڻ جي سهوليت گهر ۾ ملندي هئي. ايئن ڳوٺاڻن پنهنجيون ڪيتريون ضرورتون هڪ ٻيري سان پوريون ڪري ڇڏيون.

# پاڻي سلامتيءَ سان گڏ ڪرڻ

جيڪڏهن پاڻي ڍوئڻ، ڪيڙڻ، ڪڍڻ، نيئڻ يا ٿانون ۾ اوتڻ دوران ڌيان سان ڪم نہ ڪبو تہ اهو سولائيءَ سان ڪنو ٿي سگهي ٿو. جڏهن پاڻي اهڙين ٿانڪين ۾ گڏ ڪيو وڃي جيڪي ڏريل هجن يا اهڙن ٿانون ۾ ڍڪڻ ۾ جيڪي لچڪندا رهن ۽ سنا ٺهيل نہ هجن يا انهن کي ڍڪ نہ هجن تہ اهڙو پاڻي پڻ جانورن جي غلاظت ۽ جيوڙن سبب غليظ ٿي سگهي ٿو.

## پيئڻ جو پاڻي ڪيئن ڪنو ٿي ويو، اچو تہ سڳ لهون

هن سرگرميءَ رستي اهو پيرو ڪڍڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي تہ ڪنهن کوهہ، چشمي يا نلڪي جو پاڻي استعمال ڪرڻ کان اڳ ڪيئن ڪنو ٿيو. اها سرگرمي 4 يا وڏيڪ ماڻهو ڪري سگهن ٿا.

وقت: اڌ ڪلاڪ

1. سهائتڪ، گروپ کي سمجهائي ٿو تہ اهي بيماريءَ جو پيرو ڪڍندڙ آهن. پيرا ڪڍندڙن کي سهائتڪ مختصر ڳالهہ سمجهائي ٿو. مثال طور، 10 ڪٽنب ڪنهن کوهيءَ مان پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ڪڍن ٿا. ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ هڪ ڪٽنب جا ٻار، گهر ۾ ڪني پاڻي پيئڻ سبب بيمار ٿي پون ٿا جڏهن تہ باقي گهرن جا تندرست رهن ٿا. پيرا ڪڍندڙن کي اهو لهڻو آهي تہ پاڻي ڪيڙڻ کانپوءِ اهو ڪيئن ڪنو ٿيو.
2. سهائتڪ، 1 کان 3 رضاڪارن کي باقي گروپ کان پري سڏي ٿو تہ جيئن باقي ٻيا سندن ڳالهہ ٻڌي نہ سگهن. گروپ کي سوال پڇڻ کانپوءِ اهڙا اشارا ڏيڻا آهن جن مان اها ڪڙڪ پئجي سگهي تہ پاڻي ڪيئن ڪنو ٿيو. ان کانپوءِ سهائتڪ رضاڪارن کي چئي سگهي ٿو تہ اهي باقي گروپ سان ملڻ کان اڳ ۾ فيصلو ڪري ٻڌائين تہ پاڻي ڪيئن غليظ ٿيو.
3. ان کانپوءِ گروپ، رضاڪارن کان تيستائين سوال پڇڻ شروع ڪري ٿو جيستائين کو "اشارن" رستي درست جواب نٿو ڏئي سگهي تہ پاڻي ڪيئن ڪنو ٿيو.
4. جيڪڏهن گروپ وڏو آهي تہ انکي ننڍين ٽولين ۾ ورهائي سگهجي ٿو. سوال بہ گهٽ پڇو. مثال طور، هر ٽيم يا فرد کي وڏ ۾ وڏ 4 سوال پڇڻ ڏيو. جيڪو فرد يا ٽيم سڀ کان اڳ ۾ درست جواب ڏيندو اهو کٽي ويندو.
5. اها سرگرمي مختلف طريقن سان ڪيترا پيرا ورجايو تہ پاڻي ڪيئن ڪنو ٿيو. آخر ۾ سهائتڪ بحث کي وڌايئندي انهن مختلف طريقن جي ڳولا ڪري ٿو جن سان پاڻي ڪنو ٿيو. ڳالهيون ڪري ڏسو تہ پيئڻ جي پاڻيءَ کي گهر ۽ سڄي برادريءَ لاءِ ڪيئن صاف رکي سگهجي ٿو.



## پاڻيءَ جا ٿانو صاف سٿرا رکڻ

گڏ ڪيل/ پريل پاڻيءَ کي جيڪڏهن ماڻهو گندا هٿ هڻندا، ڇهندا، گندن ٿانون ۾ لاٿو ويندو، پاڻيءَ ۾ مٽي ۽ ڌسڙ پوندي ۽ جڏهن منجهس ڪوپ/گلاس وڌا ويندا تہ اهڙو پاڻي جوکائتو ٿي سگهي ٿو. گهر ۾ پاڻيءَ کي جوکائتي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ:



سوڙهي منهن وارا ٿانو پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ محفوظ ٿين ٿا.

- پاڻي گڏ ڪرڻ ۽ کڻڻ کان اڳ ۾ هٿ مَلي صاف ڪريو.
- پاڻيءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ سڀ ٿانوَ صاف ڪريو ۽ پاڻي پري ڍڪي ڇڏيو.
- جن ٿانون ۾ گهرن لاءِ پاڻي گڏ ڪيو وڃي ٿو باقاعدگيءَ سان صاف ڪندا رهو.
- پاڻيءَ جا ٿانو زمين کان مٿي ۽ جانورن جي پهچ کان پري رکو.
- پاڻي اهڙيءَ طرح سان اوتيو جيئن اوتجندڙ ٿانو جي ڪنن کي ڇهي نہ سگهجي يا ڪنهن صاف سٿري ڍڳهي ڳن واري ڪُپيءَ سان ڪڍو.
- پيئڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪپا، وٽا ۽ گلاس وغيره ڌوئيندا رهو.
- ڪڏهن بہ ڪنهن اهڙي ٿانو/ دبي/ ڊرم ۾ پاڻي نہ وجهو جيڪو ڪڏهن بہ ڪنهن جيتمار دوا يا زهريلي ڪيميائي مادي لاءِ استعمال ڪيو ويو هجي.
- ٿي سگهي تہ رڳو ضرورت آهر پاڻي صاف ڪريو. عام طور تي روزانو پيئڻ ۽ رڌپچاءَ لاءِ في فرد جي حساب سان 5 لٽرن کان گهٽ پاڻيءَ جي ضرورت ٿئي ٿي.

## ٽانڪيون ۽ حوض ڍڪي ڇڏيو



ڍڪيل ٽانڪيون ۽ حوض، پاڻيءَ گڏ ڪرڻ لاءِ سنا ۽ سلامتيءَ وارا ٿين ٿا بنسبت اگهاڙن تلائن جي جن تي مڇر ۽ منجهن ڪوڏ واڌ ڪندا رهن ٿا جيڪي ڍڪيل ٽانڪين تي ٿي نٿا سگهن. ٽانڪين کي ڍڪڻ سان منجهائن پاڻي بخار ٿي اڏامي بہ نٿو سگهي. جيڪڏهن پاڻي تلائن ۾ دُٻن ۾ گڏ ڪجي ۽ انهن کي اونهو کوٽجي تہ گهٽ پاڻي وائکو ٿيندو ۽ ايئن پاڻيءَ جو گهٽ مقدار بخار ٿي سگهندو.

جڏهن تہ حوض، جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي، استعمال ٿيندڙ هنڌ جي ويجهو هجڻ گهرجن.

### سيمو بند ڪريو

ٽمڻ، سمڻ ۽ بخارجڻ رستي بہ گهڻو پاڻي ضايع ٿي وڃي ٿو. پاڻيءَ جي زيان کان بچڻ لاءِ پڪ ڪريو تہ جڏهن پاڻيءَ جي ضرورت نٿي هجي تہ ٽونٽيون صحيح طرح سان بند ڪجن ٿيون. جيئن ئي سمندڙ ۽ ٽمندڙ يا ڀڳل پائيپن ۽ ٽانڪين جي خبر پوي تہ اهي هڪدم مٽائي يا نهرائي ڇڏجن. سمڻ ۽ ٽمڻ، غلاظت ٿيڻ جي بہ هڪ نشاني ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ ٽڙڪيل هنڌن تان جيوڙا ٽانڪين ۽ پائيپن ۾ وڃي سگهن ٿا.



# پاڻيءَ کي پيئڻ لاءِ پاڪ صاف ڪرڻ

سڀ کان بهتر اهوئي ٿئي ٿو ته پيئڻ لاءِ پاڻي اهڙي ذريعي جو استعمال ڪجي جيڪو سنڀال هيٺ ۽ صاف هجي جهڙوڪ: ڪو چشمو يا کوهہ بجاءِ ان جي ته ڪنهن کني هنڌ جو هجي ۽ ان کي صاف ڪرڻو پوي جهڙوڪ درياءَ يا ڪڏ جو. جڏهن ته ڪنهن به هنڌ جو پاڻي ايئن سمجهي صاف ڪرڻو پوي ٿو جڻ ته اهو ڪنو آهي. ماڻهو ان سبب به پاڻي پيئڻ کان انڪار ڪن ٿا جڏهن ڪنهن هنڌ تان گهر ۾ آڻي گڏ ڪيو ويو هجي ۽ منجهس بوءِ ۽ ڪنو سواد هجي (پائيپن، ٽانڪين ۽ کوهن جي پاڻيءَ کي به پيئڻ کان اڳ ۾ اهو سمجهي صاف ڪرڻو پوي ٿو ته اهو صاف ناهي).

پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪهڙي طريقي جي چونڊ ڪرڻي پوي ٿي انجو مدار هنن ڳالهين تي ٿئي ٿو ته توهانجي پاڻيءَ جو مقدار ڪيترو آهي، ڪهڙيءَ غلاظت سبب ڪنو ٿيل آهي، ڪيئن سنڀاليندو ۽ ان لاءِ توهانوٽ ڪهڙا وسيلا موجود آهن. ڀلي ته اهڙي پاڻيءَ کي ڪهڙي به طريقي سان صاف ڇو نه ڪريو سدائين اهوئي بهتر سمجهيو وڃي ٿو ته ان کي آنرڻ لاءِ ڇڏي ڏيو ڪنهن ٻئي ٿانوَ ۾ لاهي ڇڏيو يا ان کي آروڳڻ کان اڳ ۾ ڇاڻيو (ڏسو ص. 94). ايئن ڪرڻ سان مٽي ويهجي وڃي ٿي. مٽي ۽ رڳ خارج ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ان کي آروڳڻ سولو ۽ اثرائتو ٿئي ٿو.

هت ڏيکاريل طريقي سان پاڻي، زهريلن ڪيميائي مادن کان صاف ٿي نٿو وڃي. جنهن پاڻيءَ ۾ زهريلا ڪيميائي مادا ٿين ٿا اهو پيئڻ، وهنجڻ يا ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ڪڏهن به سنوءِ سلامتيءَ وارو ٿي نٿو سگهي. اهڙي پاڻيءَ سبب ڪينسر، چمڙيءَ جون بيماريون، ڇڪي اچڻ يا صحت جون ٻيون تڪليفون پيدا ٿي سگهن ٿيون.

**پاڻيءَ کي جيوڙن کان پاڪ صاف ڪرڻ** لاءِ هيٺيان ٻه قدم کڻو. ڇاڻيو ۽ آروڳيو:

1. پاڻيءَ کي ڪجهه ڪلاڪن لاءِ آنرڻ لاءِ ڇڏي ڏيو ۽ پوءِ ڪنهن ٻئي صاف ٿانو ۾ لاهيو يا ڇاڻيو




پاڻي آنرائڻ ۽ ڇاڻڻ جي ٻين طريقن لاءِ ڏسو ص. 93 کان 97.

2. پاڻيءَ کي هيٺين مان ڪنهن هڪ طريقي سان آروڳيو:




اهم ڳالهه: ٻئي قدم کانپوءِ پاڻي پيئڻ لاءِ سنو/ سلامتيءَ وارو ٿي وڃي ٿو.

## پاڻي آنرائڻ

پاڻي آنرائڻ سان منجهس موجود گند، نهريون شيون، جيوڙا ۽ ڪينئان وغيره جيڪي ڪن قسمن جون بيماريون پيدا ڪن ٿا، ٿانوَ جي تري ۾ ويهجي وڃن ٿا. 5 کان 6 ڏينهن تائين آنرائڻ سان پاڻيءَ ۾ موجود ڪيترن جيوڙن جو تعداد تہ گهٽجي وڃي ٿو پر **جيارڊيا** (giardia) جهڙا جيوڙا ڪيتري وقت آنرائڻ سان بہ مري نٿا سگهن. اهوئي سبب آهي جو آنرائڻ کانپوءِ پاڻيءَ کي ڪنهن ٻئي طريقي جهڙوڪ ڇاڻڻ، ڪلورين ملائڻ يا سج رستي اروڳي بڻايو وڃي ٿو.

## 3 گهڙن وارو طريقو

3 گهڙن واري طريقي سان پاڻيءَ ۾ موجود جيوڙا ۽ نهرا جزا تري ۾ ويهجي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ هي طريقو هڪ گهڙي واري طريقي کان وڌيڪ اثرائتو ٿئي ٿو تنهن هوندي بہ ان سان پاڻي مڪمل طور تي جيوڙن کان صاف ٿي نٿو سگهي. 3 گهڙن واري طريقي کانپوءِ هميشہ پاڻيءَ کي اَروڳڻ گهرجي (ڏسو ص. 97).



**صبح، 1 ڏينهن**: پهرئين گهڙي کي پاڻيءَ سان ڀريو. ڍڪي 2 ڏينهن تائين آنرڻ لاءِ ڇڏي ڏيو.

**صبح، 2 ڏينهن**: ٻئي گهڙي کي پاڻي سان ڀريو. ڍڪي 2 ڏينهن تائين آنرڻ لاءِ ڇڏي ڏيو.

پهرئين گهڙي جي مٿي آنرڻ شروع ٿي آهي.

**صبح، 3 ڏينهن**: پهرئين گهڙي جو صاف پاڻي ٽئين خالي گهڙي ۾ لاهيو. خيال ڪريو تہ جيئن پهرئين گهڙي جي تري واري مٽي وهي نہ اچي. هاڻ ٽئين گهڙي وارو پاڻي اروڳڻ لاءِ تيار آهي. پهرئين گهڙي ۾ بچيل ڪنو پاڻي ۽ گيرڙ هاري ڇڏيو. پهرئين گهڙي کي ڌوئي پاڻيءَ سان ڀري ڇڏيو. انکي ڍڪي 2 ڏينهن تائين آنرڻ لاءِ ڇڏي ڏيو. (اهو پاڻي لاهيو 5 ڏينهن تي اروڳڻ لاءِ تيار هوندو).

**صبح، 4 ڏينهن**: ٻئي گهڙي جو صاف پاڻي اروڳڻ لاءِ ٽئين گهڙي ۾ لاهيو. گهڙي ٻئي کي ڌوئي وري پاڻيءَ سان ڀري ڇڏيو.

هر چند ڏينهن کانپوءِ صاف گهڙي (گهڙو3) کي اوٻاريل پاڻيءَ سان مَلي صاف ڪندا رهو. جيڪڏهن توهان هڪ گهڙي مان ٻئي گهڙي ۾ پاڻي، نلڪيءَ رستي وجهندا رهندو تہ ايئن ڪرڻ سان گيرڙ بہ پنهنجي جاءِ تي رهندو بنسبت پاڻي اوتڻ جي.

## ٻوٽن جو استعمال

دنيا جي ڪيترن هنڌن تي ماڻهو جڙين ٻوٽين رستي پاڻي صاف ڪري پيئڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. ان لاءِ اوپر آفريڪا ۾ مارنگا (Moringa) جا ٻج استعمال ڪيا وڃن ٿا، جنهنکي فلپائين ۾ مالنگي (Malunggay)، ننڍي کنڊ ۾ سهانجڙو يا هارس ريڊش ٽري (Horse radish tree) يا ڊرم اسٽڪ (Drum stick)، هائٽي ۽ ڊومينيڪن ريپبلڪ ۾ بينزولائيو (Benzolive) جي نالي سان سڏين ٿا.

مارنگا ٻجن جي استعمال ڪرڻ جو طريقو:

1. ٻجن کي 3 ڏينهن تائين سُڪايو.
2. ٻجن کي پيهي سنوسفوف/ پائوڊر ناهيو. 15 پيئل ٻج، پاڻيءَ جي 20 لٽرن کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿين ٿا.
3. پائوڊر کي ٿورڙي پاڻيءَ سان ملائي لئي ناهي پاڻيءَ سان ملائي ڇڏيو.



4. لئيءَ کي ڳرڻ لاءِ 5 کان 10 منٽن تائين گهمايو. جيترو تيز گهمائبو اوترو ڳرڻ ۾ گهٽ وقت لڳندو.
5. ٿانو کي ڍڪي پاسي تي آنرڻ لاءِ ڇڏي ڏيو. 1 کان 2 ڪلاڪ رکي پاڻي ڪنهن صاف ٿانو ۾ لاهي ڇڏيو. ياد رکو تہ جيئن گيرڙ پهرئين ٿانو ۾ ئي رهجي وڃي.

## پاڻي ڇاڻڻ

پاڻيءَ کي جيوڙن کان ڇاڻي صاف ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آهن. انهن لاءِ استعمال ۾ ايندڙ کي فلٽر / ڇاڻيون جهڙوڪ: هيٺ ڏيڪاريل سيرئمڪ چيني استعمال ڪرڻ لاءِ خاص اوزار گهرجي ٿو. جڏهن ته ٻين لاءِ ڪنهن اوزار استعمالڻ جي ضرورت نٿي ٿئي ۽ انهن رستي پاڻيءَ جو ٿورو يا گهڻو مقدار سولائيءَ سان ڇاڻي پوءِ ان کي آروڳي صاف ڪري سگهجي ٿو.



### ڪپڙي جون ڇاڻيون

بنگلاديش ۽ انڊيا ۾ تمام سنهي اُٽيل ڪپڙي مان "ڇاڻي" ناهي پاڻيءَ کي ڪالرا جي جيوڙن کان صاف ڪري پيئڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. جيئن ته ڪالرا جو جيوڙو پاڻيءَ ۾ عام طور تي هڪ تمام ننڍڙي جيو سان چنبڙيل ٿئي ٿو ان سبب جڏهن انهن جيوڙن کي ڇاڻيو وڃي ٿو ته ڪالرا جو جيوڙو به ڇٽي صاف ٿي وڃي ٿو. هن طريقي سان واري (وار) جو ڪيئنئون به ڇٽجي وڃي ٿو.

توهان ڪپڙي جي ڇاڻي رومال, لينن يا اهڙي ڪنهن ٻئي ڪپڙي مان ناهي سگهو ٿا جهڙوڪ: ساڙهيءَ جي ڪپڙي مان. ڇاڻڻ لاءِ نئين ڪپڙي جي پيٽ ۾ پراڻو ڪپڙو سنو اثرائتو ثابت ٿئي ٿو جو ان جا سوڙها اڪا سنيءَ طرح سان ڇاڻڻ جو ڪم ڪن ٿا.

1. پاڻي ڇاڻڻ کان اڳ ۾ آنرڻ لاءِ ڇڏي ڏيو ته جيئن نهرا جزا تري ۾ ويهجي وڃن.
2. ڪپڙي جا چار ته ڪري اهو ٿانو جي منهن تي ڳنڍ ڏيئي ٻڌي ڇڏيو.
3. پهرئين ٿانو مان پاڻي, آهستي آهستي ڪپڙي جي ڇاڻي رستي ٻئي ٿانو ۾ لاهيو.

پاڻي ڇاڻڻ لاءِ ڪپڙي جو هميشه ساڳيو پاسو استعمال ڪريو نه ته جيوڙا پاڻيءَ ۾ هليا ويندا. ڪپڙي کي ڇاڻيءَ طور استعمال ڪرڻ کانپوءِ ڌوئي اُس ۾ سُڪائڻ لاءِ رکي ڇڏيو ته جيئن, ڪو به رهجي ويل جيوڙو مري وڃي. مينهوڳيءَ جي مند ۾ ڪپڙي کي بليچ رستي آروڳيندا رهو. پڪ ڪريو ته جنهن ٿانو ۾ ڇاڻيل پاڻي رکو ٿا, انکي گهٽ ۾ گهٽ هر 2 يا 3 هفتي ضروري ملي صاف ڪندا رهو ٿا.

### چيني ڇاڻيون/ سيريمڪ فلٽر

پاڻي ڇاڻڻ لاءِ, ڪولائڊل سلور (colloidal silver, جيوڙن کي ماري ڇڏي ٿو) جي ته وارو پڪل مٽيءَ مان هڪ ننڍڙو فلٽر ناهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ڪنيار کي بنيادي سکيا ڏجي ته هو هن قسم جون ڇاڻيون/فلٽر سولائيءَ سان ناهي سگهي ٿو (وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو حوالا).




پلاسٽڪ جي باٽليءَ ۾... سيريمڪ فلٽر جو استعمال.

## چارڪول فلٽر / ڇاڻي ڪيئن ٺاهجي؟

هن قسم جو فلٽر ٺاهڻ ۾ سولو ۽ پاڻيءَ جي ٿوري مقدار مان گهڻا جيوڙا ختم ڪري ڇڏي ٿو.

**سامان:** 2 پلاسٽڪ يا لوهه جون باٽليون، هڪ هٿوري، 1 يا 2 وڏا ڪوڪا، سنهي ريتيءَ جي هڪ باٽلي ۽ ڪاٺ ڪوئلا (wood charcoal) چوٿاڙ باٽلي.

1. هڪ باٽليءَ جي تري ۾ سوراخ ڪري ڌوئي صاف ڪريو. اها باٽلي هاڻ ڇاڻڻ لاءِ ڪم ايندي.
2. سنهي ريتيءَ کي پاڻيءَ ۾ ڌوئي صاف ڪري تيستائين ڇڏي ڏيو جيستائين ڳَڏندڙ پاڻي مڪمل طور تي صاف ٿي نٿو وڃي.
3. ڪوئلا ڪٽي سنها ڪريو. ان لاءِ هرڪايل ڪوئلو (activated charcoal) بهتر ٿئي ٿو. جڏهن ته عام ڪاٺ ڪوئلو به سنو ثابت ٿئي ٿو پر ڪوئلي جي سر / ڀورو/ دز (briquettes) ڪڏهن به ڪتب نه آڻجي! اهو هڪ زهر آهي.




4. ڇاڻيندڙ باٽليءَ ۾ ڌوتل بجريءَ جي 5 س.م جو تهه ڏيئي مٿس پاڻي وجهو. پاڻي کي سوراخن مان وهي وڃڻ گهرجي. جيڪڏهن وهي نٿو سگهي ته سوراخ موڪيو. جيڪڏهن ريتي به وهي وڃي ٿي ته معنيٰ سوراخ گهڻا موڪرا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ بجري ڪيدي، سوراخن مٿان سنهو ڪپڙو ڏيئي پوءِ بجري وجهو.
5. بجريءَ مٿان ڪٽيل ڪوئلي جو 8 س.م تهه ڏيئي پوءِ باٽليءَ کي بجريءَ سان ايترو ڀريو جو اها چوٽيءَ کان 10 س.م هيٺتي هجي.
6. ٻيءَ باٽليءَ مٿان ڪاٺيءَ جا ٻه ٽڪرا رکي انهن تي ڇاڻيندڙ باٽلي رکي ڇڏيو. ڇاڻيندڙ باٽليءَ ۾ ايترو صاف پاڻي وجهو ته جيئن منجهانئس هيٺين باٽليءَ ۾ پاڻي وهڻ لڳي. هاڻ، اها ڇاڻي استعمال ڪرڻ لاءِ تيار آهي.
7. ڇاڻي استعمال ڪرڻ لاءِ، توهان گڏ ڪيل پاڻيءَ کي آنرائي پوءِ ڇاڻيءَ ۾ اوتيو. پيئڻ لاءِ صاف پاڻي باٽليءَ جي تري ۾ گڏ ٿيندو ويندو. وڌيڪ سلامتيءَ طور ڇاڻڻ کانپوءِ اهڙي پاڻيءَ کي اُروڳي به ڇڏيو (ڏسو ص. 97 کان 99).

جيئن ته ڇڻجي آيل جيوڙا ڪوئلي تي واڌ ڪري سگهن ٿا، تنهنڪري جيڪڏهن ڇاڻي روز استعمال ڪرڻي آهي يا جڏهن ڪجهه ڏينهن کان استعمال نه ڪئي ويئي هجي تڏهن ڪجهه هفتن کانپوءِ ڪوئلا ڪيدي صاف ڪرڻ ضروري ٿين ٿا.

## گهر لاءِ واريءَ جو آهستي ڇاڻيندڙ فلٽر / ڇاڻي ڪيئن ٺاهجي؟

گهر لاءِ پاڻي ڇاڻڻ جو هي هڪ سَتو سلامتيءَ وارو وڌيڪ اثرائتو ۽ سستي ۾ سستو طريقو آهي. هن فلٽر رستي هڪ ننڍي ڪٽنب جي صاف پاڻيءَ جون ضرورتون پوريون ڪري سگهجن ٿيون (روزانو گهٽ ۾ گهٽ 50 لٽر).

1. 200 لٽرن واري دٻي کي پاڻيءَ ۽ پوءِ بليچنگ پائوڊر سان ڌوئي جيوڙن کان صاف ڪري ڇڏيو. پڪ ڪريو ته اهڙو دٻو/ ٽانڪو ڪنهن به قسم جي زهريلي ڪيميائي مادي کان آجو آهي.
2. دٻي ۾ 1/4 کان 1/3 حصا هيٺ، ٽونٽي هڻڻ لاءِ هڪ ايترو موڪرو سوراخ ڪيو جنهن ۾ ٽونٽي سٺيءَ طرح سان لڳي سگهي (جيڪڏهن ٽونٽي 12 م.م قطر جي آهي ته سوراخ به اوترو ئي موڪرو هجڻ گهرجي).
3. ٽونٽيءَ کي سوراخ ۾ ويهاري سفيدي سان سُڪ ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن سِرن جي ٽانڪي استعمال ڪئي ٿي وڃي ته ٽونٽيءَ / وال کي سيمينٽ سان مضبوط ڪري سگهجي ٿو.
4. هاڻ پاڻيءَ جي هڪ پلاسٽڪ پائيپ جي پهرئين 35 س.م حصي ۾ گهڻا سنهڙا سوراخ ڪيو. پائيپ جو ڇيڙو بند ڪري، دٻي جي تري ۾ ڇلي وانگر ويڙهي، سوراخ هيٺ ڪري رکي ڇڏيو.
5. پائيپ جو مٿيون ڇيڙو (بنا سوراخ وارو) ٽونٽيءَ سان ڳنڍي ڇڏيو. پائيپن جا ڳنڍيل هنڌ تار يا ڪلپ سان سوگها ڪري ڇڏيو.
6. تري واري پائيپ کي ڌوتل بجريءَ جي 7 س.م تهه سان ڍڪي ڇڏيو. بجريءَ کي سنهي ڪپڙي سان ۽ دٻي کي صاف واريءَ سان ٽونٽيءَ کان اٽڪل 10 س.م هيٺ پري ڇڏيو. واريءَ کي هڪ ٻئي سنهي ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو.
7. هاڻ دٻي جو هڪ ڍڪ ٺاهيو جنهن جي وچتي منجهس پاڻي وجهڻ لاءِ هڪ سوراخ هجي. سوراخ هيٺان تراڪڙو پٽر يا تسري/ ٿالهي رکي ڇڏيو ته جيئن منجهس پاڻي وجهڻ سان واريءَ ۾ اٿل پٿل ٿي نه سگهي.
8. فلٽر کي پاڻي رستي صاف ڪريو. ائين هڪ ڀيري صاف ڪرڻ کانپوءِ اهو استعمال ڪري سگهجي ٿو.



## واريءَ جي آهستي ڇاڻيندڙ فلٽر جي سنڀال ۽ استعمال

ڪجهه ڏينهن جي استعمال ڪانپوءِ واريءَ مٿان، هڪ سائو تهه (بئڪٽريا ۽ الجي جو) ڄمي ويندو. جيئن ته اهو تهه پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو، تنهنڪري لاهڻ نه گهرجي. ان تهه جي ڪم ڪندي رهڻ لاءِ واريءَ کي سدائين اٽڪل پاڻيءَ جي 5 س.م سان تر رکڻ گهرجي (اهوئي سبب آهي جو ٽونٽي، واريءَ جي تهه کان مٿي هٽبي آهي). فلٽر کي روزانو پوري پوءِ پاڻي ٿورڙي مقدار ۾ ڪڍبو رهجي. جي فلٽر مان سجو پاڻي ڪڍي ڇڏبو ته سنيءَ طرح سان ڪم ڪري نه سگهندو ۽ انڪي صاف ڪرڻ ۾ منجهس وري پاڻي پرٽو پوندو.

سيني نهرين شين کي اڳ ۾ آنرائي پوءِ اهڙو پاڻي فلٽر ۾ لاهيو. ايئن ڪرڻ سان فلٽر کي صاف ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي، جو منجهس پوندڙ پاڻي اڳ ۾ صاف هوندو. فلٽر ۾ جيڪڏهن پاڻي لار ڪري وجهبو ته ان سان هوا به ملندي رهندي ۽ ان جو سواد وڻندڙ هوندو.

جڏهن ٽونٽيءَ مان پاڻيءَ جو وهڪرو/ لار گهٽ ٿي وڃي ته فلٽر کي صاف ڪريو. ان لاءِ سجو پاڻي ڪڍي، سائو تهه ۽ مٿين واريءَ جو اٽڪل هڪ س.م به ڪڍي ڇڏيو. ايئن ڪيترا ڀيرا صاف ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن اڌ کان مٿي واري ڪڍي ڇڏيو ته ان کي نئين ڌوتل واري ۽ ريتيءَ سان ڀري ڇڏيو. سال ۾ هڪ يا 2 دفعا ايئن ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو.

## سنڪيو ڇاڻڻ

پاڻيءَ مان سنڪيي ڇاڻڻ لاءِ، اهڙي ٽانڪو جي واريءَ جي آهستي ڇاڻيندڙ فلٽر جي مٿئين حصي ۾ لوهي ڪوڪا وجهي ڇڏيو. لوهي ڪوڪا ننڍي سائيز جا 5 ڪ.گ استعمال ڪريو. "ملمعي" (galvanized) ڪوڪا ڪتب نه آڻيو. ڇاڪاڻ ته، فلٽر جي صحيح ڪم ڪرڻ لاءِ ڪوڪن جو ڪسيل هجڻ ضروري ٿئي ٿو. سينڪيي جي، ڪوڪن جي ڪٽ سان ڇهڻ سبب اهو پاڻيءَ کان ڌار ٿي وڃي ٿو. ممڪن ٿي سگهي ته پاڻي ڇاڻڻ ڪانپوءِ چڪاسي ڏسو ته، توهانجي علائقي ۾ فلٽر صحيح ڪم ڪري ٿو. (وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ذريعا).

# پاڻيءَ کي جيوڙن کان صاف ڪرڻ/ آروڳڻ

پاڻي آروڳڻ سان، منجهانئس جيوڙا ۽ ڪينئان مري وڃن ٿا ۽ پيئڻ سان بيمار نٿو ڪري، ان لاءِ سڀ کان بهتر طريقو پاڻيءَ کي اوٻارڻ، سج رستي آروڳڻ يا ڪلورينڻ/ ڪلورين جو استعمال ڪرڻ آهي.

**اهم ڳالهه**: انهن طريقن سان پاڻي زهريلن ڪيميائي مرڪ

## پاڻي اوٻارڻ

پاڻيءَ کي هڪدم ٽهڪايو. هڪ دفعي ٽهڪڻ شروع ڪرڻ ڪانپ تائين ٽهڪائي پوءِ لاهي ٺارڻ لاءِ ڇڏي ڏيو. مٿاهن جابلو علائقن ۾ جيوڙن کي مارڻ لاءِ 3 منٽن تائين اوٻارڻو پوي ٿو. ڇاڪاڻ ته ج مٿاهين تي پاڻي گهٽ گرمي پد تي ٽهڪي ٿو. اوٻارڻ سان پاڻيءَ جو سواد مٽجي وڃي ٿو. اوٻاريل پاڻي ٿڌي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ڪنهن بوتل ۾ لاهي زور سان لوڏيو. لوڏڻ سان پاڻيءَ ۾ هوا ملندي ۽ ان جو سواد بهتر ٿي ويندو.



هڪ منٽ تائين اوٻارڻ سان پاڻي جيوڙن کان پاڪ ٿي وڃي ٿو.

جتي ٻارڻ جي کوٽ ٿئي ٿي، اتي پاڻي اوٻارڻ هڪ مسئلو تنهنڪري اهڙن هنڌن تي کاڌي رڌڻ ڪانپوءِ ۽ باهه وسامڻ ۾ پاڻي اوٻارڻ سان، ٻارڻ جو گهٽ استعمال ٿي سگهندو.

## اُس رستي پاڻيءَ کي ڪيئن اروڙجي؟

اُس بہ هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن سان پاڻيءَ ۾ بوتل کي اروڙجي سگهجي ٿو. ان لاءِ اڳ ۾ پاڻي ڇاڻڻ يا آنرائڻ سان ايترو صاف ٿي وڃي ٿو جو اُس رستي جيوڙن کان ترت صاف ٿي وڃي ٿو. خط استوا جي ويجهو وارن ملڪن ۾ جيئن تہ سج جي تک تيز هجي ٿي، ان سبب اهڙن ملڪن ۾ سج رستي پاڻي بهترين طريقي سان اروڙي سگهجي ٿو. پر جي توهان اتر يا ڏکڻ کان پراهان ٿيندا ويندو تہ پاڻيءَ کي اُس رستي اروڙڻ ۾ وڌيڪ وقت لڳندو ويندو (سج رستي اروڙڻ لاءِ وڌيڪ ڏسو ذريعا).



1. پلاسٽڪ يا شيشي جي بوتل يا پلاسٽڪ جي ٿيلهي ڌوئي صاف ڪريو. ان لاءِ پيِ اِي ٽي (PET) پلاسٽڪ جون بوتلون بهتر ٿين ٿيون.
2. بوتل کي اڌ تائين پري 20 سيڪنڊن تائين لوڏيو. ائين ڪرڻ سان هوا جا ڦوٽا پاڻيءَ سان ملندا رهندا. پوءِ بوتل يا ٿيلهيءَ کي سڄو ڀريو. هوا جا ڦوٽا پاڻيءَ کي تيزيءَ سان اَروڙي ڇڏيندا.
3. بوتل کي ڪنهن اهڙي هنڌ تي رکو جتي نہ تہ ڇانوَ هجي ۽ نہ ئي جانور ان تائين پهچي سگهن. جهڙوڪ: گهر جي ڇت. بوتل کي تيز اُس ۾ گهٽ ۾ گهٽ 6 ڪلاڪن تائين يا جهُڙالي موسم ۾ 2 ڏينهن تائين رکي ڇڏيو.
4. ضرورت وقت بوتل مان سنئون سڌو پاڻي پيئو. ائين ڪرڻ سان پاڻي، هٿن ۽ ٻين ٿانون رستي گندي ٿيڻ کان بچي پوندو. جيڪڏهن بوتل کي شمسي چلهي (solar cooker) ۾ رکجي تہ اُها تيزيءَ سان ۽ مڪمل طور تي اَروڳجي وڃي ٿي (ڏسو ص. 364).




### ليمي جي رس

پيئڻ جي 1 لٽر پاڻيءَ ۾ ليمي جي رس ملائي 30 منٽن تائين آنرڻ لاءِ ڇڏي ڏيو. ائين ڪرڻ سان پاڻيءَ ۾ موجود ڪالرا جا گهڻي ڀاڱي ۽ ٻيا ڪيترا جيوڙا مري ويندا. هن طريقي سان جيتوڻيڪ پاڻي بلڪل صاف ٿي نٿو وڃي تنهن هوندي بہ اهڙن علائقن ۾ جتي ڪالرا جو خطرو رهي ٿو اتي پاڻيءَ کي بلڪل صاف نہ ڪرڻ بجاءِ هي طريقو استعمال ڪرڻ بهتر ٿئي ٿو. جيڪڏهن پاڻيءَ کي اُس رستي يا 3 گهڙن واري طريقي سان صاف ڪرڻ بجاءِ ليمي جي رس ملائجي تہ اهڙو پاڻي وڌيڪ سلامتيءَ وارو ٿي وڃي ٿو.

### ڪلورين

پيئڻ جي پاڻيءَ مان گهڻيءَ حد تائين جيوڙا ختم ڪرڻ لاءِ ڪلورين سستي ۽ سولي ٿئي ٿي. پر جي ڪلورين گهڻي گهٽ استعمال ڪبي تہ جيوڙا مري نہ سگهندا. گهڻي وڌيڪ استعمال ڪبي تہ پاڻي بدسواد ٿي ويندو. ڪلورين جو بهتر استعمال ڪنهن وسنديءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ جي ذخيري لاءِ ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن هڪ گهر لاءِ ان جو سدائين استعمال ڪندو رهڻ ڏکيو ٿئي ٿو. گهر جي پاڻيءَ کي ڪلورين رستي اروڙڻ لاءِ ايندڙ صفحي تي ڏنل هدايتون ڏسو.

ڪلورين جو گهڻي مقدار ۾ استعمال، ماڻهن ۽ ماحول لاءِ هاڃيڪار تہ عام طور تي، گهرن ۽ وسندن لاءِ سلامتيءَ وارو ٿئي ٿو. پاڻيءَ کي ڪلورين رستي صاف ڪرڻ وڌيڪ سلامتيءَ وارو ٿئي ٿو بجاءِ ان جي تہ جيوڙن رستي بيمار ٿيڻ جو خطرو ڪڻجي.

## ڪلورين جو ڪيترو مقدار استعمال ڪجي؟

پاڻيءَ کي ڪلورين رستي اروڳڻ (جيوڙن کان صاف ڪرڻ) جو مدار هن ڳالهہ تي ٿئي ٿو تہ، پاڻي ڪيتري قدر ڪنو (منجهس ڪيترا گهٽا ۽ ڪهڙن قسمن جا جيوڙا موجود آهن) آهي. پاڻيءَ ۾ جيترا گهٽا جيوڙا هوندا، اوتري ڪلورين استعمال ڪري پاڻيءَ کي جيوڙن کان آجو ڪرڻو پوندو. ضروري سمجهيو ويندو آهي تہ، پاڻيءَ ۾ ايتري گهٽي ڪلورين ملائجي تہ جيئن جيوڙن جي مري وڃڻ کانپوءِ بہ ان جو ڪجهہ مقدار پاڻيءَ ۾ موجود هجي. اهڙي بچيل ڪلورين کي فري ڪلورين (free chlorine) سڏجي ٿو. ان جي هجڻ سبب جي ڪو نئون جيوڙو پاڻيءَ ۾ ايندو تہ مري ويندو. جيڪڏهن پاڻيءَ ۾ فري ڪلورين هوندي تہ منجهس انجي بوءِ ۽ سواد بہ هوندو. جنهن مان توهان سمجهي سگهندو تہ پاڻي پيئڻ جهڙو آهي. جيڪڏهن تمام گهٽي ڪلورين هوندي تہ منجهس بوءِ ۽ سواد بہ تيز ۽ پاڻي اٽوٽندڙ لڳندو.

ڪلورين جو صحيح مقدار استعمال ڪرڻ لاءِ توهانکي اهو ڄاڻڻو پوندو تہ، توهانجي ڪلورين جو ڳار ڪيترو طاقتور آهي. ڪلورين مختلف روپن ۾ ملي ٿي جهڙوڪ: گئس، بليچنگ پائوڊر، هاءِ ٽيسٽ هائيپوڪلورائيٽ (HTH) ۽ گهرن ۾ استعمال ٿيندڙ پاڻيٺي بليچ. جيئن تہ، گهر واري بليچ، ڪلورين جو هڪ وڏ ۾ وڏ عام قسم ٿئي ٿو. تنهنڪري اها سولائيءَ سان ملي سگهي ٿي.

گهر واري بليچ ۾، ڪلورين جو مختلف مقدار عام طور تي، وڏ ۾ وڏ 3.5 ۽ 5 سيڪڙو ٿئي ٿو. هن ڪتاب ۾ گهر واريءَ 5 سيڪڙي بليچ رستي پاڻيءَ کي اروڳڻ جو طريقو ٻڌايو ويو آهي. بليچ تي لڳل چٽڪي پڙهي ڏسو تہ منجهس بليچ جو ڪيترو سيڪڙو موجود آهي. جيڪڏهن 5 سيڪڙي کان گهٽ آهي تہ وڌيڪ ملائڻي پوندي.

جيڪڏهن پاڻيءَ ۾ نهرو مادو گهڻو هوندو تہ ڪلورين سٺو اثر نہ ڪندي، تنهنڪري اهڙي پاڻيءَ کي اڳ ۾ ڇاڻڻ يا آترڻ ڏجي. آتريل صاف پاڻي ڪنهن صاف ٿانو ۾ لاهي پوءِ منجهس ڪلورين ملائجي. جيڪڏهن توهان پاڻي ڇاڻي نٿا سگهو يا لڙائيل هجي تہ هيٺ چارٽ ۾ ڏيکاريل بليچ جو ٻيڻو مقدار استعمال ڪريو.

| پاڻي | 50 سيڪڙو بليچ |
|---|---|
| هڪ لٽر | ٻہ ڦڙا |
| 4 لٽر | اٺ ڦڙا |
| 20 لٽر | اڌ ننڍو چمچو |
| 200 لٽر | پنج ننڍا چمچا |

بليچ جو ڏسيل مقدار ڇاڻيل يا آتريل پاڻيءَ ۾ ملائي، 30 منٽ رکي پوءِ پيئو. جيڪڏهن پيئڻ سان پاڻيءَ مان هلڪي بوءِ يا هلڪو ڪلوريني سواد محسوس ٿئي تہ اهو پيئڻ لاءِ مناسب آهي. جيڪڏهن توهان وٽ ڊراپر نہ هجي تہ بليچ ۾ چمچو ٻوڙي، ان جي پاسي کان ڪرندڙ هڪ ڦڙو پاڻيءَ ۾ ملائي سگهو ٿا.

# گندو پاڻي: هڪ مسئلو يا وسيلو؟

جيئن ته سڄيءَ دنيا ۾ پاڻي ساڳئي مقدار ۾ رهي ٿو تنهنڪري سڄو پاڻي هر هر استعمال ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته زمين تي وهندڙ ۽ ڏوپ، زراعت، صفائيءَ ۽ ڪارخانن ۾ استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ ۾ عام طور تي، جيوڙا ۽ ڪيميائي وڪر هجڻ سبب اهو پيئڻ، وهنجڻ يا ڏوپ لاءِ استعمال ڪرڻ خطرناڪ ثئي ٿو.

جيڪو پاڻي زهريلن ڪيميائي مادن يا انساني غلاظت سبب غليظ ٿيل نه هجي، ان کي سادي طريقي سان صاف ڪرڻ کانپوءِ وري استعمال ڪري سگهجي ٿو. اهڙي ڪني پاڻيءَ کي گهر يا وسنديءَ لاءِ صاف ڪرڻ جو مدار پاڻيءَ جي مقدار، غلاظت جي قسم، استعمال جي نوعيت، توهان وٽ وقت، جڳهه ۽ مزدورن تي ٿئي ٿو.

## گري واٽر جا اپاءَ

گري واٽر (gray water) اهڙي گندي پاڻيءَ کي سڏجي ٿو، جيڪو ڏوپ ۽ گهر جي ٻين ڪمن ۾ استعمال ٿيو هجي پر منجهس انساني غلاظت شامل نه هجي. جيسيتائين توهان زهريلا صابڻ يا ڏوپ جون شيون استعمال نٿا ڪريو (ڏوپ جون شيون، سلامتيءَ واريون ٺاهڻ لاءِ ڏسو ص. 373)، تيسيتائين اهڙي گري واٽر کي سادي طريقي سان صاف ڪري پوءِ باغيچن ۾ يا صاف ڪرڻ بنا زمين تي وهائي سگهجي ٿو.

**اهم ڳالهه**: گري واٽر پيئڻ لاءِ ڪڏهن به مناسب ٿي نٿو سگهي.

گري واٽر ڪيترن مختلف قسمن جو ٿي سگهي ٿو (ڏسو ذريعا).



## گري واٽر کي ڇاڻڻ لاءِ ويٽلئنڊ جوڙڻ

گري واٽر کي صاف ڪرڻ جو هڪڙو طريقو قدرت طرفان پاڻي صاف ڪرڻ جي طريقي جي ڪاپي ڪرڻ يعني هڪ ويٽلئنڊ جوڙڻ ٿي سگهي ٿو. اهڙا جوڙيل ويٽلئنڊ جن کي ٻِنِ جو پيٽ (reed beds) به سڏجي ٿو. گري واٽر کي وٽن ٽٽن، مٽي ۽ پهڻن جي مختلف تهن مان ڇاڻي صاف ڪن ٿا. گندي پاڻيءَ ۾ موجود غذائي جزا، ٻوٽن کي خوراڪ طور ملن ٿا، ٻوٽا پاڻيءَ ۾ آڪسيجن شامل ڪن ٿا جيڪا پاڻيءَ کي صاف ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. ان کانسواءِ ٻِنِ، نڙ (reed) هيٺيان ڪم پڻ ڪري ٿي:

- اناجي فصلن لاءِ آبپاشي مهيا ڪن ٿا
- بانس ۽ ڪانن جهڙا ٻوٽا پوکي ٻين ڪيترن ڪمن ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا
- بيٺل پاڻيءَ کي موهيندڙ باغيچن ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا

**اهم ڳالهه**: جوڙيل ويٽلئنڊ نهري انساني غلاظت (ڪرفتي) جي صفائي ڪري نٿا سگهن.

# هڪ ويٽلئنڊ جوڙڻ

**هڪ ويٽلئنڊ جوڙڻ لاءِ هيٺين ڳالهين تي ويچاريو:**

- توهانکي ڪيتري ايراضي ۽ اها ڪيتري اونهائيءَ ۾ گهربل آهي؟ سرشتي مان جيترو پاڻي گهٽ وهندو رهندو اوترو انجو گري واٽر کي سٺي طرح سان صاف ڪرڻ لاءِ وڏو ۽ گهرو هجڻ ضروري ٿئي ٿو. جيڪڏهن پاڻي جلد وهي ويندو ته پن جو پيٽ (reed bed) ان کي سٺيءَ طرح سان صاف ڪري نه سگهندو.
- ڇا پاڻيءَ جو ذريعو ويٽلئنڊ کان مٿانهين تي آهي؟ جيئن ته پاڻيءَ لاءِ ويٽلئنڊ مان وهڻ ضروري ٿئي ٿو تنهنڪري ان جو ڪنهن مٿانهين هنڌ کان وهڻ لازمي ٿئي ٿو يا پمپ رستي وهائڻو پوي ٿو.
- صاف ٿيل پاڻي ڪيڏانهن وهندو؟ ڇا اهو ڪنهن ٽانڪيءَ ۾ گڏ ڪبو يا سڌو باغ ۾ ويندو؟

جتي به ڪشادي جاءِ هجي اتي ويٽلئنڊ ٺاهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ٿوري جاءِ هجي ته اهي زمين کان مٿي ترائين (basins) ۾ ٺاهي سگهجن ٿا جهڙوڪ 200 لٽرن جي ڊرمن ۾. جن علائقن ۾ زمين مان پاڻي سٺيءَ طرح سان وهي وڃي ٿو يا جَر مٿي هجي ٿو اتي هڪ کڏو کوٽي انکي ٿلهيءَ پلاسٽڪ جو تهه يا سيمينٽ جو پلستر ڪري ڇڏيو. جڏهن ته چيڪي مٽيءَ جي حالت ۾ استر ڪرڻ ضروري نٿو ٿئي.

**هڪ جوڙيل ويٽلئنڊ جي سنڀال لهڻ**




**زمين ۾ جوڙيل ويٽلئنڊ، گري واٽر جي وڏي مقدار کي صاف ڪري سگهي ٿو.**

هر جوڙيل ويٽلئنڊ جون پنهنجيون ضرورتون ۽ انهن جو مدار پاڻيءَ جي مقدار، مٽيءَ جي قسم ۽ ٻوٽن ۽ ٻين حالتن تي ٿئي ٿو. ان سلسلي ۾ هڪ سٺي ويٽلئنڊ ٺاهڻ جو بهتر رستو ڳولهي سگهجي ٿو.

- **جيڪڏهن ٻوٽا سُڪي يا سڙي وڃن** ته معنيٰ جهجهو پاڻي نٿو وهي، جنهن لاءِ اهڙي سرشتي ۾ پاڻيءَ جا وڌيڪ ذريعا ملائڻا پوندا. کڏو ننڍو يا گهٽ اونهو ڪرڻو پوندو يا نوان ٻوٽا به پوکڻا پوندا.
- **جيڪڏهن منجهانئس پاڻي وهي نه سگهي** ته ڪجهه وڏا پٿر ۽ گهٽ واري يا پاڻي خارج ڪندڙ پائيپ کي ٿورڙو هيٺ ڪري ڏسجي.